آن لائين
ڪاوش
دنيا
آچر 9 مارچ 2025ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya



# غزه ۾ ”ٽرمپ منصوبو“ رد: اسلامي ملڪن ۾ ’مائنس حماس‘ فلسطيني اٿارٽيءَ جي قيام تي اتفاق

**اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) جي پرڏيهي وزيرن جي جدي ۾ ٿيل اجلاس ۾ ٽرمپ جي پلان کي رد ڪندي غزه جي پٽيءَ مان فلسطيني آباديءَ کي نيڪالي ڏيڻ ڪي، عمل نہ ٿيڻ جوڳو منصوبو قرار ڏنو ويو. اسلامي ملڪن مصر جي ان منصوبي جي حمايت ۾ ووٽ ڏنو، جنهن تحت فلسطينين جي هڪ انتظامي ڪميٽيءَ کي علائقي جو انتظام ڏنو ويندو، تہ جيئن غزه جي ٻيهر اڏاوت ڪري سگهجي. ٻئي طرف فرانس، جرمني، اٽلي ۽ برطانيا بہ گڏيل بيان ۾ غزه جي ٻيهر اڏاوت لاءِ عرب حمايت يافتہ منصوبي جي حمايت ڪئي آهي.**



الهہ بخش راٺوڙ

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي، غزه کي خالي پلاٽ سمجهي قبضو ڪرڻ واري بدنيتي تي، ان وقت پاڻي ڦيرجي ويو، جنهن وقت آرگنائيزيشن آف اسلامڪ ڪوآپريشن (او آءِ سي) ۾ شامل ملڪن جي پرڏيهي وزيرن غزه جي بحالي ۽ فلسطينين کي بيدخل ۽ بي گهر ڪرڻ واري ٽرمپ جي پلان کي رد ڪندي فلسطيني اختياريءَ جي نگرانيءَ ۾ نئين ڪميٽي قائم ڪرڻ واري پلان کي منظور ڪيو. ان پلان تحت ”مائنس حماس“ نئون انتظامي بندوبست ڪيو ويندو، جنهن تحت اسرائيل لاءِ امڪاني خطرا گهٽجي ويندا. پر آمريڪا ۽ اسرائيل نئين عرب ملڪن جي پلان کي رد ڪري ڇڏيو آهي. مصر پاران پيش ڪيل نئين پلان تحت غزه جي بحاليءَ تي 53 ارب ڊالرن جو خرچ ايندو، جنهن جو شروعاتي حصو امير عرب ملڪ ادا ڪندا ۽ باقي ڊونرز جي ذريعي پورو ڪيو ويندو.

اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) جي پرڏيهي وزيرن جي جدي ۾ ٿيل ان اجلاس ۾ ٽرمپ جي پلان کي رد ڪندي غزه جي پٽيءَ مان فلسطيني آباديءَ کي نيڪالي ڏيڻ ڪي، عمل نہ ٿيڻ جوڳو منصوبو قرار ڏنو ويو. اسلامي ملڪن مصر جي ان منصوبي جي حمايت ۾ ووٽ ڏنو، جنهن تحت فلسطينين جي هڪ انتظامي ڪميٽي کي علائقي جو انتظام ڏنو ويندو، تہ جيئن غزه جي ٻيهر اڏاوت ڪري سگهجي. اسلامي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن اهڙي صورتحال ۾ غزه جي صورتحال تي ويچاريو، جنهن وقت اسرائيل ۽ حماس جي وچ ۾ ستن هفتن جي جنگبندي تي سواليا نشان لڳڻ شروع ٿيا. اسرائيل اهو چئي ناڪابندي شروع ڪئي تہ هو نئين امن ٺاهہ جي توسيع نہ ڪندو ۽ غزه جي 20 لک شهرين کي کاڌي پيتي سميت زندگيءَ جي مختلف شين جي فراهمي روڪي ڇڏيندو، جڏهن تہ ٻئي مرحلي ۾ ممڪن آهي تہ اسرائيل فلسطينين ۾ ڏهڪاءُ پيدا ڪرڻ لاءِ بمباري ڪري.

اسلامي ملڪن جي تنظيم، جيڪا 57 ملڪن تي ٻڌل آهي، ان ۾ شامل بااثر ملڪن، جن ۾ سعودي عرب، قطر ۽ اردن شامل آهن، انهن مصر جي منصوبي کي منظور ڪيو. انهن آمريڪي صدر ٽرمپ جو نالو وٺڻ کانسواءِ چيو تہ، اهڙن منصوبن کي رد ڪجي ٿو، جيڪي فلسطيني عوام کي انفرادي يا اجتماعي طور تي بي گهر ڪرڻ جو ارادو رکندا هجن. اها نسلي صفائي آهي، جيڪا عالمي قانونن جي سنگين ڀڃڪڙي ۽ انسانيت جي خلاف هڪ ڏوهہ آهي. هنن فلسطينين کي بک مارڻ وارين پاليسين جي بہ مذمت ڪئي، جنهن جو هڪڙو ئي مقصد آهي تہ فلسطيني پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي هليا وڃن. ڦهريان ئي علائقو ڇڏيندڙ ڪيترائي فلسطيني پنهنجن گهرن ڏانهن واپس نہ وريا آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن کي جنگبنديءَ تي يقين ناهي ۽ هو پنهنجون حياتيون داءَ تي لڳائڻ لاءِ تيار ناهن.

ياد رهي تہ غزه جي جنگ ۾ 48 هزار معصوم شهري شهيد ٿي چڪا آهن ۽ لکين، عورتون، ٻار ۽ بزرگ زخمي ٿي چڪا آهن.



سعودي عرب جو وليعهد محمد بن سلمان ۽ مصري صدر عبدالفتاح السيسي

جنگبنديءَ جو ٻيو مرحلو، جنهن تحت اسرائيل، يرغمالين ۽ فلسطيني قيدين جي آزادي تي ٻڌل آهي، ان تي عمل ڪرڻ بدران آمريڪي صدر ٽرمپ اها ڌمڪي ڏني تہ حماس سمورن اسرائيلي يرغمالين کي آزاد نہ ڪندو تہ ان کي مڪمل طور تي ختم ڪيو ويندو. هو ان کان اڳ ۾ بہ اهڙيون ئي گدڙ ڀڀڪيون ڏئي چڪو آهي. اسرائيل بہ آمريڪي هُشيءَ ڪانپوءِ جنگبنديءَ بابت ڳالهين کان پاسو ڪري رهيو آهي. اسرائيل حماس تي زور پريو آهي تہ اهي يرغمالين جو اڌ حصو آزاد ڪن تہ جيئن جنگبنديءَ جي ٻئي مرحلي تي عمل ڪري سگهجي.

اسرائيل دٻاءَ وڌائڻ لاءِ 20 لک فلسطيني آبادي کي خوراڪ، ٻارڻ، دوائن ۽ ٻين شين جي رسد کي روڪيو آهي. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ حماس ڦهريان ئي واضح ڪري چڪو آهي تہ اهي غزه ۾ واپس نہ ورندا. ان منصوبي ذريعي فلسطينين کي بي گهر ڪري ٽرمپ جي خواب جي ساڀيان لاءِ رستو هموار ڪرڻ جا خواب بہ ڏٺا پيا وڃن. پر فلسطينين واضح ڪيو تہ اهي پنهنجا اباڻا ڪک نہ ڇڏيندا، جتي انهن جا ڪيترائي نسل مري کپي ويا. اسرائيل اولهندي ڪناري مان غزه جي پٽيءَ ۾ ڪنهن بہ اختياريءَ کي ڏيڻ جي مخالفت شروع ڪري ڇڏي آهي. جڏهن تہ هيل تائين اسرائيل ڪوبہ متبادل پيش ڪرڻ کان عاري آهي.

جنگبنديءَ جي موجوده معاهدي تحت اسرائيلي فوج غزه جي ڪنارن تائين پوئتي هلي وئي آهي. صيهوني فوج فلسطينين جي شهر رفح ۾ بمباري ڪري ٻن شهرين کي شهيد ڪيو. اسرائيل دعويٰ ڪئي تہ انهن ڪجهہ ماڻهن تي حملو ڪيو هو، جيڪي غزه کان اسرائيل ۾ داخل ٿيندڙ ڊرون کي اڏائيندي نظر اچي رهيا هئا. عالمي ادارا هينئر بہ اسرائيل کان سوال پڇي رهيا آهن تہ، ان 48 هزار معصوم شهرين کي تہ شهيد ڪيو، پر اهو بہ ٻڌايو وڃي تہ، انهن مان حماس جا ويڙهاڪ ڪيترائي هئا؟ ان سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو مٿ هٽي ويٺو آهي. اهي بہ خبرون آهن تہ، هينئر بہ حماس وٽ 24 اسرائيلي ۽ آمريڪي زنده شهري ۽ 34 شهرين جا لاش آهن.

هيل تائين آيل رپورٽن مطابق آمريڪي صدر ٽرمپ جي غزه بابت خطرناڪ پلان جي رڳو اسلامي ملڪ ئي مخالفت نہ ڪري رهيا آهن، پر اولهہ جا ڪيترائي ملڪ بہ ساڳئي سوچ رکن ٿا. فرانس، جرمني، اٽلي ۽ برطانيا بہ گڏيل بيان ۾ غزه جي ٻيهر اڏاوت لاءِ عرب حمايت يافتہ منصوبي جي حمايت ڪئي آهي. چئاڻيل ملڪن جي پرڏيهي وزيرن پنهنجي گڏيل بيان ۾ ڄاڻايو تہ او آءِ سي جو غزه جي ٻيهر اڏاوت جو منصوبو حقيقتن تي ٻڌل آهي. ان پلان تحت فلسطيني پنهنجن اباڻن ڪکن کان محروم ٿيڻ کان بچي ويندا ۽ گهربل ترقي بہ ڪري سگهندا. اولهہ جي ملڪن، ٽرمپ جي وچ اوڀر جي ريويرا واري خواب کي خوني منصوبو سڏيو، جنهن جو مقصد نسلي صفائيءَ کانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي. مصر جي پلان تحت غزه جي انتظام لاءِ آزاد ۽ پيشہ ور ماهر پنهنجين صلاحيتن جو مظاهرو ڪندا. اها ڪميٽي ئي غزه جي امدادي سرگرمين جي نگراني ڪندي ۽ عارضي طور فلسطيني اختياريءَ جي نگرانيءَ ۾ علائقي جي مڙني معاملن جو انتظام ڪندي. يورپي ملڪن ان عزم کي ظاهر ڪيو تہ، هو عرب منصوبي سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهن. هنن منصوبو تيار ڪرڻ لاءِ اهم اشارو بہ ڏنو ۽ چيو تہ، هو پنهنجن ماهرن ذريعي غزه واسين جي مدد ڪندا. اهو واضح ڪيو ويو تہ، هاڻ غزه ۾ حماس جو ڪوبہ ڪردار نہ هوندو. نہ ئي هي علائقو اسرائيلين لاءِ خطرو هوندو.

اها ڳالهہ واضح ٿي وئي آهي تہ آمريڪي صدر، غزه ۾ جيڪي موقعا ڏسي رهيو هو، انهن تي پاڻي ڦيرجي ويو آهي. ٽرمپ جي مخالفت ڪندڙن ۾ اهي عرب ملڪ بہ شامل آهن، جيڪي آمريڪا جا ويجها اتحادي آهن. اهي ابراهيمي معاهدي تي يقين رکن ٿا ۽ ان ڳالهہ جو اظهار بہ ڪندا رهيا آهن تہ يهودي سندن لاءِ ڌاريا ناهن، پر سندن سئوٽ آهن، پر حڪومتي معاملا ۽ علائقن تي قبضا الڳ ڳالهيون آهن. يهودي، مسلمان ۽ عيسائي وچ اوڀر جا قديم باشندا هجڻ باوجود هو ڪيترين ئي صدين کان هڪٻئي جو خون وهائيندا رهيا آهن، پر هاڻوڪي عالمي مداخلت صورتحال کي وڌيڪ ڳنڀير بنائي ڇڏيو آهي. ■

# آمريڪا ’پاناما ڪئنال‘ پاناما کي ڇو واپس ڪيو هو ؟

**پاناما ڪئنال 1914ع ۾ ٺهي تيار ٿيو هو، جيڪو انجنيئرنگ جو هڪ عظيم ڪارنامو هو. ان ائٽلانٽڪ ۽ پئسفڪ سمنڊن کي ڳنڍيو ٿي. آمريڪا 1903ع ۾ هَي-بونيو وريلا ٽاهه ذريعي ڪئنال تي ڪنٽرول حاصل ڪيو هو. 20 هين صدي جي وچ تائين ڪئنال جي آمريڪا لاءِ معاشي ۽ اسٽريٽيجڪ اهميت گهٽجي وئي. آمريڪا کي خوف هو تہ اهو سوويت يونين جي اثر هيٺ ايندو. آمريڪي صدر جمي ڪارٽر 1977ع ۾ ڪئنال پاناما کي واپس ڪرڻ واري ٽاهه تي صحيحون ڪيون.**




31 ڊسمبر 1999 ع تي پاناما ڪئنال جي آمريڪا کان پاناما ڏانهن منتقلي هڪ تاريخي واقعو هو، جيڪو حڪمت عمليءَ ۽ معاشي لحاظ کان هڪ اهم سامونڊي لنگهہ، جيڪو 51 ميل ڊگهو هو، تي اٽڪل هڪ صدي تائين آمريڪي ڪنٽرول جي خاتمي جو مظهر هو. اها منتقلي ڪيترين ئي تڪليفن، تشدد گاڏڙ احتجاجن ۽ سفارتي ڳالهين جو نتيجو هئي، جيڪي پاناما جي خودمختياريءَ جي خواهش ۽ ڪئنال جي آمريڪا لاءِ گهٽندڙ معاشي ۽ اسٽريٽيجڪ اهميت تي ٻڌل هئا.
پاناما ڪئنال 1914 ع ۾ ٺهي تيار ٿيو هو، جيڪو انجنيئرنگ جو هڪ عظيم ڪارنامو هو. ان ائٽلانٽڪ ۽ پئسفڪ سمنڊن کي ڳنڍيو ٿي. آمريڪا 1903 ع ۾ هَي_بونيو وريلا ٽاهه ذريعي ڪئنال تي ڪنٽرول حاصل ڪيو هو، جنهن تحت آمريڪا کي 10 ميل ويڪري ڪئنال زون ۾ ڪئنال جي تعمير ۽ آپريٽ ڪرڻ جو حق ڏنو ويو هو. اهو ٽاهه پاناما جي ڪولمبيا کان آزاديءَ کانپوءِ ٿيو، جيڪو آمريڪي اسٽريٽيجڪ مفادن جي ڪري ٿيو هو، پر ڪئنال زون جي تعمير هزارين پانامائي ماڻهن کي بي گهر ڪيو ۽ هڪ اهڙي آمريڪي ڪنٽرول واري علائقي کي جنم ڏنو، جيڪو هڪ خودمختيار علائقي وانگر هلندو هو، جنهن ڪري پاناما ۾ وڏي ناراضگي پيدا ٿي.
ڏهاڪن تائين آمريڪا ۽ پاناما جي وچ ۾ تڪرار وڌندو رهيو، خاص ڪري ڪئنال زون ۾ معاشي ۽ سماجي عدم مساوات جي ڪري. ڪئنال زون هڪ نسلي بنياد تي الڳ ٿيل، حڪومتي علائقو هو، جتي آمريڪي ”زونينز“ کي اهڙيون مراعات حاصل هيون،



جيڪي پانامائي ماڻهن وٽ نہ هيون، جيڪي اتي ڪم ڪرڻ کان سواءِ داخل ٿيڻ کان محروم هئا.
پانامائي ماڻهن ڪئنال جي معاشي استحصال جي خلاف بہ احتجاج ڪيو، ڇو تہ آمريڪا ان مان وڏا فائدا حاصل ڪري رهيو هو، جڏهن تہ پاناما کي گهٽ معاشي فائدا حاصل ٿيا ٿي. پاناما جي جهنڊي جو مسئلو بہ ناراضگي جو هڪ وڏو سبب بڻيو. 1964 ع ۾ ان علائقي ۾ تنهن وقت وڳوڙ ٿيا، جڏهن ڪئنال زون ۾ آمريڪي شاگردن پاناما جي جهنڊي کي آمريڪي جهنڊي سان گڏ ڦڙڪائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جنهن جي ڪري وڳوڙ ٿيا ۽ 22 پانامائي مارجي ويا. ان کان پوءِ پاناما آمريڪا سان سفارتي لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيا.
20 هين صدي جي وچ تائين ڪئنال جي آمريڪا لاءِ معاشي ۽ اسٽريٽيجڪ اهميت گهٽجي وئي. ريلوي ۽ ٻين سفر ۽ سواري جي طريقن جي ترقيءَ سان ڪئنال تي ڀاڙو گهٽجي ويو، ۽ ٻي عالمي جنگ ۾ ان جي تخريب جي خطري کي ظاهر ڪيو. سرد جنگ جي خدشن جي ڪري ڪئنال جي منتقليءَ جي ڳالهين ۾ اوير ٿي، ڇو تہ آمريڪا کي خوف هو تہ اهو سوويت يونين جي اثر هيٺ ايندو، پر 1964 ع جي وڳوڙن ۽ آمريڪي سامراجيت جي خلاف بين الاقوامي تنقيد جي ڪري آمريڪي پاليسيءَ ۾ تبديلي آئي. لنڊن جانسن کان وٺي جيرالڊ فورڊ تائين سمورن آمريڪي صدرن ڪئنال واپس ڪرڻ جا اختيار ڳوليا، پر اهو جمي ڪارٽر هو، جنهن 1977 ع ۾ ٽاهه تي صحيحون ڪيون، جنهن منتقليءَ جو بنياد رکيو.
1977 ع وارن ٽاهن ۾ غيرجانبداري ٽاهه بہ شامل هو، جنهن تحت آمريڪا کي ڪئنال جي غيرجانبداريءَ سان حفاظت ڪرڻ جو حق ڏنو ويو، ۽ پاناما ڪئنال ٽاهه، جنهن ڪئنال جي ڪنٽرول جي ڏاڪي بہ ڏاڪي منتقلي جو روڊ ميپ ڏنو. ڪئنال زون 1979 ع ۾ ختم ڪيو ويو، ۽ 1999 ع ۾ ڪئنال جو مڪمل ڪنٽرول پاناما کي ڏنو ويو. منتقلي کي احتياط سان منظم ڪيو ويو، تہ جيئن ڪئنال جو عمل جاري رهي. ان کي پاناما ۽ لاطيني آمريڪا ۾ بيئنڪيتي دور جي ڪنٽرول جي خاتمي جي طور ڏٺو ۽ ملهايو ويو.
ڪئنال واپس ڪرڻ جو فيصلو سياسي ۽ معاشي: ٻنهي حقيقتن جي ڪري ڪيو ويو. 1970 ع جي ڏهاڪي تائين ڪئنال جي آمريڪا لاءِ معاشي اهميت گهٽجي وئي هئي، ۽ ان تي ڪنٽرول برقرار رکڻ ان لاءِ هڪ سفارتي بار بڻجي چڪو هو. پاناما لاءِ، منتقلي قومي خودمختياري ۽ هڪ اهم وسيلي تي ڪنٽرول واپس وٺڻ جي علامت هئي. اڄ بہ پاناما ڪئنال هڪ اهم عالمي سامونڊي لنگهہ آهي، جيڪو هاڻي پاناما جي ڪنٽرول ۾ آهي، ۽ انهيءَ جي منتقلي آمريڪا_لاطيني آمريڪا لاڳاپن ۾ هڪ اهم واقعو آهي. ■ *تحرير: ڊيوي روز_ سنڌيڪار: محمد اقبال جاکرو*

## پاناما ڪينال واپس وٺڻ واري ٽرمپ جي بيان تي پاناما جي صدر جو سخت ردعمل

تازو آمريڪي ڪانگريس کي خطاب ڪندي، نئين آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي تہ سندس انتظاميہ پاناما ڪينال کي ”واپس وٺڻ“ جو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي. هي بيان هڪ وڏي تڪرار جو سبب بڻيو ۽ پاناما جون اختيارين ان جي خلاف سخت ردعمل ڏيکاريو آهي. پاناما جي صدر جوز راؤل مولينو فوري طور تي ٽرمپ جي دعوائن رد ڪيو ۽ انهن کي ”ڪوڙ“ چوندي چيو تہ ”پاناما ڪينال ڪنهن بہ صورت ۾ آمريڪا کي واپس نہ ڪيو ويندو.“
ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ان قسم جي بيانن جي ڏي وٺ هڪ تاريخي ورثي، واپاري مفادن ۽ جيوپوليٽيڪل چالن جي پيچيده تعلق کي نروار ڪري ٿي، جيڪا پاناما ڪينال جي جٽادار اهميت کي واضح ڪري ٿي.
پاناما ڪينال، جيڪو 1914 ۾ مڪمل ٿيو هو، سو دنيا جي سڀ کان اهم آبي گذرگاهن مان هڪ آهي. عالمي سامونڊي واپار جو تقريباً 3 في سيڪڙو حصو انهيءَ لنگهہ مان ڪيو وڃي ٿو. آمريڪا جي طرفان ان جي اڏاوت هڪ عظيم تعميراتي ڪارنامو هو، جنهن سامونڊي جهازن لاءِ پون وچ سمنڊ ۽ پئسفڪ سمنڊ جي وچ ۾ هڪ شارٽ ڪٽ فراهم ڪري سامونڊي سفر ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو هو، جنهن سامونڊي جهازن کي ڏکڻ آفريڪا جي ڪيپ آف گڊ هوپ يا ڏکڻ آمريڪا جي آخري سري تي واقع ميگيلان جي سوڙهي لنگهہ مان گذرڻ جي ضرورت ختم ڪري ڇڏي. 20هين صدي جي گهڻي دور ۾، اهو ڪينال آمريڪا جي ڪنٽرول ۾ هو، جيڪو اولهہ اڌ گول ۾ آمريڪي طاقت ۽ اثر و رسوخ جي علامت هو.
پر 1977 ۾، ٽوريجوس_ڪارٽر معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون، جنهن ڪينال کي پاناما کي واپس ڏيڻ جو بنياد وڌو. 31 ڊسمبر 1999 تي، آمريڪا رسمي طور پاناما ڪينال جو ڪنٽرول ڇڏي ڏنو، جيڪو پاناما جي تاريخ ۽ ان جي خودمختاريءَ جي اظهار جو هڪ اهم لمحو هو. ٽرمپ بار بار ان فيصلي تي تنقيد ڪئي آهي، ۽ ان کي هڪ غلطي قرار ڏيندي اڳوڻي صدر جمي ڪارٽر تي الزام مڙهيو آهي تہ، ان ”احمقاڻي طور“ ڪينال موٽائي ڇڏيو.
ٽرمپ جي اها دعويٰ تہ آمريڪا ڪينال کي ”واپس وٺي رهيو آهي“، جي خلاف پاناما سخت مخالفت ۽ مزاحمت ڪري رهيو آهي. صدر مولينو اهڙي دعويٰ جي مذمت ڪندي سوشل ميڊيا تي لکيو، ”هڪ ڀيرو ٻيهر، صدر ٽرمپ ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي. پاناما ڪئنال جي آمريڪا کي واپسي جو ڪو بہ عمل نہ ٿي رهيو آهي.“ هن زور ڀريو تہ ڪينال پاناما جي خودمختياريءَ جي علامت آهي ۽ هن ان کي ”سچائي ۽ پنهنجي قوم جي عزت جي خلاف هڪ حملو“ قرار ڏنو. ■

ڪالهه، 8 مارچ تي عورتن جو عالمي ڏينهن، سڄي دنيا ۾ ملهايو ويو. اُن حوالي سان ڪاوش دنيا ميگزين، هي ڪجهه تحريرون شايع ڪري رهيو آهي.- انچارج

# عورتن جي عالمي ڏينهن جي تاريخ ۽ عورتن جا حق



صائمه سومرو


8 مارچ تي عورتن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جي شروعات ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي؟ ان بابت مليل ڄاڻ موجب 8 مارچ 1857ع تي آمريڪا جي ٽيڪسٽائيل ملن ۾ ڪم ڪندڙ عورتن هڪ وڏو جلوس ڪڍيو، ۽ مطالبو ڪيو ته انهن کان 16 ڪلاڪن بدران 10 ڪلاڪ پورهيو ورتو وڃي. 1908ع ۾ آمريڪي عورتن ووٽ ڏيڻ لاءِ ان ڏينهن کي عورتن جو ڏينهن قرار ڏنو. 1910ع ۾ سوويت يونين جي ”ڪلارازيٽ ڪن“ مطالبو ڪيو ته ان ڏينهن کي عالمي ڏينهن طور ملهايو وڃي. 19 مارچ 1911ع تي جرمنيءَ ۾ آسٽريليا جي بادشاهه خلاف عورتن مظاهرو ڪيو ته ڪين ووٽ ڏيڻ ۽ برابري وارو حق ڏنو وڃي. 8 مارچ 1915ع تي ناروي جي گاديءَ واري هنڌ اوسلو ۾ عورتن پهرين عالمي جنگ جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو.

8 مارچ 1918ع تي روس جي شهر- پيٽرسبرگ ۾ عورتن روسي زار (بادشاهه) جي خلاف احتجاج ڪيو. 8 مارچ 1948ع تي ويٽنامي عورتن آمريڪي سامراج جي خلاف مظاهرو ڪيو. ان طرح 8 مارچ هڪ روايتي ڏينهن بدران عورتن جو عالمي ڏينهن بڻجي ويو. ان بعد گڏيل قومن جي انساني حقن جي چارٽر ۾ ان ڏينهن کي دنيا جي عورتن جو ڏينهن قرار ڏنو ويو. اهوئي سبب آهي جو سڄي دنيا ۾ اهو ڏينهن سرڪاري ۽ خانگي سطح تي ملهايو وڃي ٿو.

چا اڄ جي عورت آزاد آهي؟

اسان عورتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل سوال تي بحث ڪنداسين ته، ان جا ڪافي جواب ملندا. ڏنو وڃي ته هن وقت اڳ جي ڀيٽ ۾ عورتن ۾ ڪافي سجاڳي اچي وئي آهي. اسان جي نبي ڪريم   جن جي هدايتن تحت اسلام عورتن جي حقن جو جيترو تحفظ فراهم ڪري ٿو، اوترو شايد ئي ڪو مذهب ڪندو هوندو. اسلام عورت ۽ مرد جي برابري جي تلقين ڪئي آهي.

تنهن ڪري اسان جي عالمن، مفڪرن، اديبن ۽ ڏاهن تي فرض ٿو عائد ٿئي ته هو موجوده دور ۾ به عورتن تي ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ظلم کي روڪرائين ۽ عورتن کي مردن جي برابر حق ڏين. ڇاڪاڻ جو اڄ جي عورت مڪمل طور تي آزاد نه آهي. ان تي اڃا به پابنديون لاڳو آهي ۽ مٿس گهر ٽوڙي ڪم وارين جاين تي مٿن جبر ٿئي ٿو. ان سلسلي ۾ مکيه ڪردار عورتن جي حقن جون تنظيمون ئي ادا ڪري سگهن ٿيون، پر ملڪ جي جمهوري ۽ روشن خيال سياسي پارٽين ۽ گروهن سان گڏ خاندانن جي وڏن مردن کي پڻ عورتن کي حق ڏيڻ جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ئي اسان پنهنجي ملڪ ۽ قوم کي ترقي ڏياري سگهنداسين. ■




# عورتن جي عالمي ڏينهن تي ’سولر انرجي جي امڙ‘ کي سلام





مدهوش مير

ماريا ٽيلڪس (M ria Telkes) جا هنگريءَ ۾ پيدا ٿي، سا اڳتي هلي آمريڪا جي بايو فزڪسسٽ بڻي. هن کي ”مدر آف سولر انرجي“ (Mother of Solar Energy) چيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ جو شمسي ٽيڪنالاجي ۾ پهريون شمسي توانائي سان هلندڙ حرارتي نظام ۽ شمسي پاڻي جي ڊسٽلر جي ايجاد سندس کاتي ۾ آهي. ماريا دنيا ۾ پنهنجي انوکي سڃاڻپ ڇڏي وئي.

هن 1960ع واري ڏهاڪي ۾ پلاسٽڪ جي ري سائيڪلنگ بابت به اهم ڪم ڪيو هو. پلاسٽڪ جي ري سائيڪلنگ بابت سندس تحقيق اهو ثابت ڪيو ته پلاسٽڪ جو ٻيهر استعمال ڪري سگهجي ٿو، جيڪو اڄ سڄي دنيا ۾ ماحول بچائڻ لاءِ لازمي آهي.

هيءَ نه رڳو سائنسدان هئي، پر هن ماحوليات لاءِ اهڙو ڪم ڪيو، جيڪو ان وقت ڪنهن سوچيو به نه هو. هوءَ سج جي توانائي (Solar Energy) تي ڪم ڪندڙ پهرين سائنسدانن مان هڪ هئي. هن جي اهم ڪمن ۾ پهريون سولر هائوس تيار ڪرڻ شامل هو.

هن 1948ع ۾ هڪ اهڙو گهر ٺاهيو هو، جيڪو مڪمل طور تي سج جي روشنيءَ تي هلندو هو. هن سج جي توانائي سان هلندڙ فرج (Refrigerator) پڻ ايجاد ڪيو هو.

ماريا ٽيلڪس پنهنجي حياتيءَ ۾ گهڻو مشهور نه ٿي، پر هاڻي سائنس جي ميدان ۾ کيس ”شمسي توانائي جي ماءُ“ سڏيو وڃي ٿو. هوءَ هڪ نرالي سائنسدان هئي، جو ته جڏهن دنيا توانائيءَ لاءِ بجلي ۽ ڪوئلي تي دارومدار رکندي هئي، تڏهن هوءَ صاف توانائي تي ڪم ڪري رهي هئي. اڄ پوري دنيا ماحولياتي مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي، پر ماريا اهو سڀ ڪجهه ڪيئي ڏهاڪا اڳ ان صورتحال کي سمجهي وئي هئي. عورتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سولر انرجي ايجاد ڪندڙ ان عظيم عورت کي ٿامس ايڊيسن جي صف ۾ بيهاري سلام پيش ڪجي ٿو. ■

# عَورت عَظيمُ آهي



ساقي ابڙو

عَورت جو هر رُوپ هر رَنگت عظيم آهي
عَورت عظيم آهي عَورت عظيم آهي

هُوءَ پاڪُ صاف دامن پنهنجو رکِي جِيئي پئي
بِنتِ حَوا جِي بيحد عِزّت عظَيم آهي

هَر روزُ هَر قِسم جو تَشدد سَهِي سَهِي پِي
رِشتا نِڀائيندڙ هِي رِفعَت عظيم آهي

ويندي گهورَ آهي گهرَ تان وفادار پنهنجي وَر سان
آ مانَ وارِي هُن جِي مِدت عظيم آهي

هوءَ زندگي سمُوري لوچي ٽِي ۽ لوڙي ٿِي
هَر جاءِ تي سَندس هر مِحنت عظيم آهي

هوءَ ماءُ آ ته مَمتا ٿِي مَوجزَن رهي پئي
پيرن ۾ جنهن جي آ سا جَنّت عظيم آهي

هُوءَ ڀيڻ آ ته ڀائُرن تان ويندي آهي صدقو
اُن ڀيڻ جِي قسم سان عظمت عظيم آهي

هُوءَ ڌيءُ آ ته دم دم ڏيندي آهي دعائون
نِياڻي ۽ نِماڻيءَ جِي عصمت عظيم آهي

هُوءَ جيڪڏهن ٿئي ٿِي جِيوَن جِي ساٿياڻي
محبُوب تنهن جي ”ساقي“ مُحبت عظيم آهي.


## 8 مارچ: عورتن جي ڏينهن جي نانءِ هڪ نظم

# مون هڪ ڊائري ورتي هئي



اقرا قمبراڻي

ڪيترائي ئي سال اڳ
مون هڪ ڊائري ورتي هئي
سوچيندي هيس تہ:
منهنجي هيءَ ذاتي ڊائري هوندي
جنهن تي پنهنجون سڀ ڳالهيون لکندس
اُهي ڳالهيون بہ لکندس
جيڪي اڄ تائين ڪنهن سان بہ سلي ناهيان سگهي
پنهنجيون ننڍڙيون ننڍڙيون خواهشون
جيڪي حسرتون بنجي ويون
تن جو رڪارڊ هن ڊائريءَ ۾ درج ڪندس.
پنهنجا ستارن جيان جرڪندڙ خواب
۽ چنڊ جهڙي تن جي ساپيان
هڪ اُجري دنيا جو تصور
پنهنجون سوچون، جيڪي اجاتي خوف جي ڪري
ذهن جي قيدخاني ۾ هميشہ
قيد رهيون آهن
اُنهن کي هِن ڊائريءَ ۾ آزاد ڪندس.
پنهنجا ڳوڙها جيڪي دنيا جي خوف کان
اندر ۾ پي وڃان ٿي
پنهنجا جائزمطالبا،
جيڪي ڇوڪري هئڻ جي ڏوهہ سبب
اندرئي اندر ۾ مارينديون رهنديون آهيان
تن جا اوسارا هن ڊائريءَ ۾ لکندس.
مون سوچيو تہ هن ڊائري ۾
منهنجي قيدي سوچن کي آزادي ملندي
۽ هيءَ ڊائري منهنجي هڪ الڳ دنيا هوندي
جتي منهنجي ئي لفظن سان جوڙيل
منهنجو هڪ الڳ جهان هوندو.
پر...اڄ بہ هيءَ ڊائري خالي آهي
اهڙي ئي، جهڙي بازار مان نڪوروتي آئي هيس.
مان اڄ بہ هِن تي ڪجهہ لکڻ کان ڊڄان ٿي
ڇو تہ مان سوچيان ٿي تہ :
هيءَ منهنجي ذاتي ڊائري ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟
جنهن سماج ۾
منهنجون سوچون بہ منهنجون ذاتي نہ آهن
جنهن سماج ۾
منهنجيون خوشيون منهنجيون ذاتي نہ آهن
جنهن سماج ۾ منهنجو وجود بہ منهنجو ذاتي نہ آهي
اُن سماج ۾ هيءَ ڊائري
منهنجي ذاتي ڊائري ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟■




# ايڊگر ايلن پو جي هڪ ڏکي ڪردار جو نظم

ڊسمبر جي ان دڪدائڪ رات ۾ جڏهن هن کي ننڊ جو هلڪو جهوٽو اچي وڃي ٿو تہ اوچتو دروازي تي ٺڪ ٺڪ جو آواز ٿئي ٿو. هو جاڳي پوي ٿو ۽ سوچي ٿو تہ، هن وقت دروازي تي ڪير ٿي سگهي ٿو؟ هڪ مئل اميد سندس اندر جاڳي پوي ٿي،” شايد Lenoreهجي.“



فوزيہ سنديلو

آمريڪي ليکڪ، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار ايڊگر ايلن پو (Edgar Allen Poe)، جنهن جي مکيہ سڃاڻپ هن جون مختصر ڪهاڻيون آهن، ان جو هڪ نظم The Raven(دي ريوين) پڙهندي درد ۽ تڪليف جو اذيتناڪ احساس ٿيو. اهڙو درد جيڪو ڪنهن جي اوچتو وڇڙي وڃڻ سبب روح کي رهڙي وجهندو آهي. هيءُ هڪ ڪهاڻي تي ٻڌل نظم آهي. ڊسمبر جو اداس مهينو آهي. رات ٿڌي آهي. نظم جو narratorڪو پراڻو ڪتاب پڙهي رهيو آهي. هو دکي آهي. غمگين آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪجهہ ئي وقت پهريان هن جي پياري محبوبہ لينور (Lenore)جو موت ٿيو آهي. وڇوڙي جي اذيت پوڳيندڙ اهو ماڻهو ڪتاب پڙهندي پنهنجي بستري تي سمهي پيو آهي. فرش تي ٽانڊن جي هلڪي تپش باقي هئي.

ڊسمبر جي ان دڪدائڪ رات ۾ جڏهن هن کي ننڊ جو هلڪو جهوٽو اچي وڃي ٿو تہ اوچتو دروازي تي ٺڪ ٺڪ جو آواز ٿئي ٿو. هو جاڳي پوي ٿو ۽ سوچي ٿو تہ، هن وقت دروازي تي ڪير ٿي سگهي ٿو؟ هڪ مئل اميد سندس اندر جاڳي پوي ٿي،” شايد Lenoreهجي.“ هن تي خوف طاري ٿئي ٿو. اهڙو خوف جيڪو هن اڳ ڪڏهن محسوس نہ ڪيو آهي. ڌڙڪندڙ دل سان هو دروازو کولي ٿو. اتي تہ ڪير بہ ناهي. اوندهہ ۽ صرف اوندهہ آهي ... ..darkness there and nothing more ايڏي خاموشي، تنهائي ۽ اونده آهي! هن جي چپن تي هڪ نانءُ اچي ٿو... Lenore

واپس ڪمري ۾ اچي ٿو. سندس روح تڙپي رهيو آهي. دروازو ٻيهر کڙڪي ٿو. شايد هوا جي ڪري هو چئي ٿو:

This is the wind and nothing more!

هو دروازو کولي ٿو، پر ٺڪ ٺڪ جو آواز تہ دريءَ وٽان اچي ٿو. هو دري کولي ٿو، تنهن مهل هڪ ڪانءُ Ravenپر ڦڙڪائيندو ڏاهپ جي ديوي اٿينا جي مجسمي مٿان ويهي رهي ٿو. هو جڏهن ڪانءَ کان ڪجهہ پڇي ٿو تہ، اهو صرف هڪ جواب ڏي ٿو: )nevermoreڪڏهن بہ نہ!)...

هو سوچي ٿو تہ، صبح ٿيندي ئي هي پکي بہ مون کي ايئن ڇڏي هليو ويندو، جيئن سڀ ساٿي مون کي اڪيلو ڇڏي ويا آهن. تڏهن پکي چئي ٿو Nevermore(ڪڏهن بہ نہ!)

هو سوچي ٿو، شايد هن پکيءَ پنهنجي مالڪ کان اهو لفظ سکيو آهي. شايد هن جو مالڪ بہ ڪنهن درد منجهان گذريو هوندو ۽ ان ئي هن ڪانءَ کي اهو لفظ سيکاريو هوندو. هو پڇيس ٿو،” تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

ڪانءُ جواب ڏي ٿو: ... Nevermore

اهو ڪانءُ بہ قديم دور جو ڪانءُ پيو لڳي. ان ڪانءَ جون باهہ وانگر ٻرندڙ اکيون هن جي سيني اندر ڇيپي وڃن ٿيون. هوا ۾ خوشبو ڦهلجي وڃي ٿي، ڄڻ ڪنهن پرفيوم هاريو هجي! هو پڇيس ٿو،”ڇا تون ڪو پيغام ڏيندڙ آهين؟ پکي آهين يا تون ڪو شيطان آهين؟ پلا منهنجي دکي آتما کي اهو ٻڌاءِ، تہ مان پنهنجي پياري Lenoreسان مرڻ بعد جنت ۾ ملي سگهندس؟ پکي جواب ڏي ٿو ... Nevermore(ڪڏهن بہ نہ!).... اهو ٻڌي هو غصي ۾ اچي وڃين ٿو ۽ ڪانءَ کي اتان هليو وڃڻ جو چوي ٿو، ”جتان آيو آهين، اوڏانهن هليو وڃ. مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي.“ ڪانءُ چئي ٿو: ....... Nevermoreڪڏهن بہ نہ!! هن کي لڳي ٿو تہ هن جي آتما پکيءَ جي پاڇي ۾ لکي وئي آهي ۽ ڪڏهن بہ آزاد نہ ٿي سگهندي!!■

# ڊاڪٽر غلام محمد لاکو ۽ سندس تحقيقي ڪم

ڊاڪٽر غلام محمد لاکي صاحب جو پهريون ليک ”سنڌ جو ايران حوالي ٿيڻ“ جي عنوان سان 13 فيبروري 1979 تي روزانه آفتاب جي ٻارڙن جي صفحي ۾ شايع ٿيو هو. ائين سندس لکڻ پڙهڻ جو سلسلو جاري ٿيو. سندس پهريون ڪتاب ”سنڌ صدين کان“هو، جنهن کي پاڻ مقالو سڏي ٿو، اهو سال 1980 ۾ شايع ٿيو، ۽ سندس آخري ڪتاب Sindh Papers(سنڌ پيپرس) جي نالي سان مهينو اڌ اڳ ۾ شايع ٿيو آهي. لاکو صاحب سالن تائين ”مهراڻ“ توڙي ٻين رسالن ۾ ليک لکندو رهيو هو، جن مان هڪ مجموعو سال 1997 ۾ شايع ٿيو هو، پر ان کان پوءِ به هن ڪافي مقالا لکيا آهن، جن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي.



**محمد حبيب سنائي**

4 مارچ 2025 تي فجر مهل، جڏهن فيس بوڪ کوليم ته جيڪا پهرئين پوسٽ نظر آئي، سا سائين محمد ادريس سومري صاحب جي سنڌ جي پلوڙ تاريخدان ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي مرتئي متعلق هئي. 3 مارچ 2025 تي رات جو نائين وڳي ڌاري لاکي صاحب کي دل جو دورو پيو ۽ پاڻ جانبر نه ٿي سگهيو. ڊاڪٽر لاکي جو اوچتو وڇوڙو يقينن سنڌ جي تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙن لاءِ جهٽڪو ڏيندڙ آهي.

سال ڏيڍ کان مون سائس روبرو ملاقات لاءِ پئي سوچيو، پر پنهنجي روايتي سستيءَ جي ڪري اها خواهش اڌوري رهي. ٻه سال کن اڳ، جون 2023 ۾ مون سائس فون تي ڳالهايو هئو، ۽ ڪيس ٻڌايو هو ته، آئون سائين حسام الدين راشدي صاحب جي حوالي سان هڪ تفصيلي مضمون پيو لکان، جنهن جي لاءِ مون کي سائينءَ جي ڪتابن جي مڪمل فهرست گهربل آهي. پاڻ مهرباني ڪري ”ڳالهيون منهنجي سنڌ جون“ جو نئون ڇاپو ڏياري موڪليائين، جنهن جي شاندار مقدمي ۾ لاکي صاحب راشدي صاحب جي سڀني تصنيفات جو ذڪر ڪيو آهي. ان مقدمي جي آڌار مون پنهنجو اهو مضمون تيار ڪيو هو، جيڪو سنڌ ڪوريئر ۾ شايع ٿيو ۽ منهنجي اڪيڊميا جي بلاگ https://www.academia.edu/106859787/Pir_Hassamuddin_Rashidi تي به رکيل آهي. ان زماني ۾ ئي مون سائين لاکي جو پروفائيل لکڻ جو ارادو ڪيو هو، پر افسوس جو سندس زندگي ۾ ائين نه ڪري سگهيس. هاڻي سندس مرتئي تي هي ليک لکي رهيو آهيان.

سائين لاکو صاحب 6 جولاءِ 1954 تي اڳوڻي نوابشاهه ضلعي (هاڻوڪي ضلعي نوشهروفيروز) جي ڳوٺ منا خان جوکئي ۾ پيدا ٿيو. ان ڳوٺ مان هن پرائمري تعليم حاصل ڪئي. ميٽرڪ دولتپور صفن هاءِ اسڪول مان، انٽر ميڊيئيٽ گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهه مان، بي اي موري جي مهراڻ ڪاليج مان ۽ پهرئين ايم اي انگلش لٽريچر ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ۽ ٻي ايم اي تاريخ ۾ ڪيائين. اڳتي هلي هن ”ارڙهين صديءَ ۾ سنڌ جون سماجي، سياسي حالتون ۽ ادارن جو مطالعو“ جي ٿيسز تي پي ايچ ڊي 1999 ۾ ڪئي. ان پي ايچ ڊي ٿيسز تي آڌاريل سندس ڪتاب ”ڪلهوڙا دور حڪومت“ سال 2004 ۾ شايع ٿيو.

## علمي ۽ ادبي سرگرميون

لاکي صاحب جو پهريون ليک ”سنڌ جو ايران حوالي ٿيڻ“ جي عنوان سان 13 فيبروري 1979 تي روزانه آفتاب جي ٻارڙن جي صفحي ۾ شايع ٿيو هو. ائين سندس لکڻ پڙهڻ جو سلسلو جاري ٿيو. سندس پهريون ڪتاب ”سنڌ صدين کان“ (ڪرائون سائيز، 80 صفحا) هو، جنهن کي پاڻ مقالو سڏي ٿو، سو سال 1980 ڌاري، گرامي پبليڪيشن دولتپور پاران شايع ٿيو، ۽ سندس آخري ڪتاب Sindh Papers(سنڌ پيپرس) جي نالي سان مهينو اڌ اڳ ۾ پيڪاڪ پبلشرز ۽ ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ جي گڏيل اشتراڪ سان شايع ٿيو آهي.

سندس لکيل اصلي، ترجمو ڪيل، مرتب ڪيل يا ايڊٽ ڪيل ڪتابن جو تعداد 22 کن ٿيندو، جن جو مختصر تعارف هتي پيش ڪجي ٿو:

## اصلي ڪتاب:

سندس پهريون ڪتاب ”سنڌ صدين کان“ باوجود مختصر هئڻ جي سنڌ جي پنج هزار سالن جي تاريخ کي پيش ڪري ٿو. ڪاش سائين ان ڪتاب کي وڌائي ۽ سنواري، ان جو نئون ڇاپو آڻي ها. سندس ٻيو اهم اصلي ڪتاب ”سمن جي سلطنت“ آهي، جيڪو پهريون ڀيرو 1987 ڌاري سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو هو. سندس ٽيون اصلي ڪتاب ”دولهه درياءُ خان“ جي نالي سان ٻارن لاءِ لکيل سوانحي ڪتاب آهي. سندس چوٿون اصلي ڪتاب ”سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو“ مارئي سماجي سنگت ملير ڪراچي پاران سال 1997 ۾ شايع ٿيو هو، جنهن ۾ لاکي صاحب جا 33 مضمون ۽ مقالا شامل آهن.

ڪتاب جي ترتيب جي حوالي سان پاڻ مهاڳ ۾ لکي ٿو ته، ”هنن لکتن کي ڇپجڻ جي سال واري رٿا بجاءِ، عنوانن ۾ ورهائي سنڌ جي تاريخ جي دورن موجب رکيو ويو آهي. ان ريت هي ڪتاب پنج مکيه موضوعن تي مدار رکي ٿو.. هي ڪتاب سڄي جو سڄو سنڌ جي مطالعي تي مبني آهي. تاريخ، سوانح، قديم آثار، تاريخي ماخذ، ادبي اتهاس، فارسي تذڪرا، سنڌي ساهت ۽ سنڌي قلمي نسخا، ڪجهه ڪجهه خاص خاص عنوان آهن، جن تي قلم ڪنيو ويو آهي.“

سندس پنجون اصلي ڪتاب ”ڪلهوڙا دور حڪومت“، 2004 ۾ پهريون ڀيرو شايع ٿيو، جنهن جو ٻيو ڇاپو 2021 ۾ شايع ٿيو. ٻئي ڇاپي ۾ لاکو صاحب لکي ٿو ته، ”ڪتاب جي ٻئي ڇاپي ۾ ذڪر هيٺ دور جي مذهبي حالتن ۽ تصوف جي باري ۾ هڪ باب جي واڌاري جي خواهش هئي، پر ان عنوان تي موجود دور ۾ سچ لکڻ ڪنڌن جي سيج تي ويهڻ برابر ٿيندو.“

سندس ڇهون اصلي ڪتاب ”سنڌ جا مشهور ماڻهو“ سال 2009 ۾ شايع ٿيو. سال 2023 ۾ ”سنڌي ٻاراڻو ادب“ جي نالي سان سندس ستون اصلي ڪتاب شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ سندس ٽي ڪتاب: 1) سنڌي ٻاراڻو ادب، 2) دولهه درياءُ خان ۽ 3) سنڌ جا مشهور ماڻهو شامل آهن. پهرئين ڪتاب ”سنڌي ٻاراڻو ادب“ ۾ هڪ خاص مضمون سميت ٽي ٻيا مضمون، ڇهه تاريخي ڪهاڻيون، ٻه روسي ڪهاڻيون ۽ رسالي گل ڦل کي ڏنل سندس انٽرويو شامل آهي.

ٻئي ڪتاب ”دولهه درياءُ خان“ کي نئين سر سڌاري، ۽ نئين ڇاپي ۾ خارج ڪيل حصا ٻيهر شامل ڪيا ويا آهن. ٽئين ڪتاب ”سنڌ جا مشهور ماڻهو“ کي به سنواريو ويو آهي ۽ ان ۾ ٻن وڌيڪ مشاهيرن جو احوال شامل ڪيو ويو آهي. سندس اٺون اصلي ڪتاب Sindh Papers آهي، جيڪو هن سال شايع ٿيو آهي.

لاکو صاحب سالن تائين ”مهراڻ“ توڙي ٻين رسالن ۾ ليک لکندو رهيو هو، جن مان هڪ مجموعو سال 1997 ۾ شايع ٿيو هو، پر ان کان پوءِ به هن ڪافي مقالا لکيا آهن، جن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي. ان کان علاوه ممڪن آهي ته سندس ٻيا اصلي ڪتاب به اڃان اڻڇپيل هجن.

## ترجمو ڪيل ڪتاب:

لاکي صاحب جو پهريون ترجمو ڪيل ڪتاب، پير حسام الدين راشدي جو اردو ڪتاب ”سنڌي ادب“ هو، جيڪو سال 1981 ۾ شايع ٿيو هو. سندس ٻيو ترجمو ٿيل ڪتاب ”تاريخ جا سبق.“ جيڪو ڊاڪٽر مبارڪ علي جي ڪتاب ”تاريخ ڪيا هي“ جو ترجمو هو، سال 1984 ۾ شايع ٿيو هو. سندس ٽيون ترجمو ڪتاب ”مطالعو سنڌ، جلد اول“ (1992) ۽ چوٿون ”مطالعو سنڌ، جلد ٻيو“ (20024) ۽ پنجون ڪتاب ”سنڌ ۽ ڪڇ جا لاڳاپا“ (2010) آهي.



تصوير مير مرتضيٰ جوکيو جي ٿورن سان

## سهيڙيل ڪتاب:

سندس سهيڙيل پهريون ڪتاب ”ڳالهيون منهنجي سنڌ جون“ آهي، جيڪو پير حسام الدين راشدي جي لکڻين ۽ تقريرن جو ڪتاب آهي، اهو پهريون ڀيرو 1992 ۾ شايع ٿيو هو. ان جو ٽيون ڇاپو سندس نئين مفصل مقدمي سان سال 2020 ۾ شايع ٿيو. سندس ٻيو مرتب ڪيل ڪتاب به راشدي صاحب جي اردو مقالن جو مجموعو ”مقالات راشدي“ (2002) آهي. سندس ٽيون مرتب ٿيل ڪتاب The Samma Kingdom of Sindh آهي. سندس چوٿون مرتب ڪيل ڪتاب (Sindh: Glimpses into Modern History (2008 آهي، جيڪو پير حسام الدين انٽرنيشنل هسٽري ڪانفرنس ۾ پيش ٿيل 41 اردو، سنڌي ۽ انگريزي مقالن جو مجموعو آهي. سندس پنجون مرتب ڪيل ڪتاب ”سنڌ شناسي“ (پهريون ڇاپو 2017) ايم ايڇ پنهور صاحب جي مضمونن، تقريرن، مهاڳن ۽ انٽرويوز جو مجموعو آهي. ان ۾ شامل مضمون ۽ ٻيا ليک گهڻي ڀاڱي لاکي صاحب ترجمو ڪيا آهن. سندس مرتب ڪيل ڇهون ڪتاب (Sindh Studies (2018 آهي، جنهن ۾ ايم ايڇ پنهور صاحب جا 18 انگريزي ليک شامل آهن. لاکي صاحب پنهور صاحب جي انگريزي ليکن جي هڪ ٻئي مجموعي On Sindh (History, Archaeology and Historiography) (2021) جي آخر ۾ هڪ تفصيلي اختتامي نوٽ لکيو آهي.

انهن ڪتابن کان علاوه سندس ٻين اڻڇپيل مرتب ٿيل ڪتابن جو احوال معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

## ايڊٽ ڪيل ڪتاب:

لاکي صاحب جو پهريون ايڊٽ ڪيل ڪتاب ”سنڌ جي تاريخ، سنڌ جا مغل نواب“ (2008)، ٻيو ايڊٽ ڪيل ڪتاب ”تاريخ معصومي“ (2008)، ۽ ٽيون ايڊٽ ڪيل ڪتاب ”سنڌ عرب دور“ (2009) آهي. ٿي سگهي ٿو ته سندس ٻيا ڪتاب به ايڊيٽ ٿيل هجن.


مٿي ڄاڻايل ڪتابن مان 14 کن ڪتاب هيٺئين لنڪس تي اي بڪ طور موجود آهن

https://books.sindhsalamat.com/author/492

https://lib.sindh.org/kitaab?_token=4OU9JmbD9LDeCqIe09rKDYIXmjV7h7CMZjKRe3Ha&category=&language=&keyword=everything&title=Ghulam+Muhammad+Lakho&magazine=

# موهن جي دڙي جي همعصر ماڳ
# ’جُهڪر جي دڙي‘ جي نئين سر کوٽائي

**جُهڪر دڙي جي تازي کوٽائيءَ واري عمل جي ٽيم 12 ماهرن تي مشتمل هئي، جنهن جي نگراني ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڪسڪيويشن (excavation) علي لاشاري ڪري رهيو آهي، ۽ اهو ڪم نالي واري آرڪيالاجسٽ ۽ سيز پاڪستان جي چيئرپرسن ڊاڪٽر ڪليم لاشاريءَ جي ڪوششن سان شروع ڪئي ويو آهي. ان ٽيم ۾ نگران علي لاشاري ڪان علاوه ريسرچ ايسوسيئيٽ ايڪسپلوريشن ۽ ايڪسڪيويشن برانچ جو ميمبر مهر علي شر، سرويئر فيلڊ اسسٽنٽ دانش احمد شيخ، جيالاجسٽ سيد فراز علي، ڪئمپس سپروائيزر ۽ ايڪسپرٽ زاهد ڏيٿو، اسٽوڊنٽ پرٿوي راج ڪتري، فاروق احمد سرگاٽي، تنزيل سومرو، غلام حسين لاکو، غلام مرتضيٰ پل ۽ بابر علي ميرجت شامل هيا. جُهڪر جي دڙي جي کوٽائي لاءِ خاص دلچسپي ثقافت کاتي جي وزير سيد ذوالفقار شاهه ورتي، جنهن ڪري سندس خاص ڌيان ڏيڻ سان هن دڙي جي کوٽائي شروع ڪئي وئي.**



امام راشدي

سنڌ جو تاريخي ضلعو لاڙڪاڻو، قديم اهڃاڻن، تهذيبي ماڳن ۽ ثقافتي عڪسن جي لحاظ کان دنيا ۾ نشانبر رهيو آهي. ان طرح هي ضلعو قديم تهذيب وارن ماڳن ۽ آثارن سان ڀرپور آهي، خاص ڪري موهن جو دڙو ۽ ان دور جا ٻيا ڪيترائي آثار موجود آهن، جيڪي دنيا جي قديم آثارن جي ماهرن جي لاءِ دلچسپ ۽ سندن تحقيق جو هڪ اهم موضوع رهيا آهن. موهن جي دڙي جهڙو ئي هڪ اهم ماڳ ”جُهڪر جو دڙو“ به آهي، جنهن تي هر ماڻهوءَ جي نظر رهندي به نظرانداز ٿيل آهي. حيراني ٿئي ٿي ته ڪي دڙا ماڻهن جي پهچ يا نظر کان اوجهل آهن، پر انهن جي کوٽائي ٿي آهي، پر هي جُهڪر جو دڙو اندس هاءِ وي سان لڳ آهي، جنهن هن دڙي کان ٿوري فاصلي تان گذرندڙ عام ماڻهوءَ کان وٺي هر آفيسر، سياستدان، عالم، تاريخدان، ماهر، سياح وغيره ڏسندو رهي ٿو.



جُهڪر جو دڙو هڪ تهذيبي ۽ تاريخي ماڳ آهي، جيڪو موهن جي دڙي جو همعصر آهي. تمام وسيع ايراضيءَ ۾ پکڙيل هن قديم ماڳ جي کوٽائي 1974 يا 1975ع ۾ ڪرائي وئي هئي، جنهن مان ڪيترين ئي قيمتي شيون مليون هيون. ٺيڪ اڌ صديءَ ڪانپوءِ تازو گذريل جنوريءَ ۾ هن اهم ماڳ جي ٻيهر کوٽائي جو ڪم سنڌ جي ثقافت، سياحت، اينٽي ڪئٽيز ۽ آرڪائيوز کاتي جي اينٽي ڪئٽيز ونگ طرفان شروع ڪيو ويو هو، جيڪو هڪ مهيني تائين جاري رهيو. ان تازي کوٽائيءَ مان ماهرن ڪافي شيون لڌيون آهن، جيڪي سنڌ جي تاريخ جو هڪ نئون رخ بيان ڪنديون.



جُهڪر دڙي جي تازي کوٽائيءَ واري عمل جي ٽيم 12 ماهرن تي مشتمل هئي، جنهن جي نگراني ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڪسڪيويشن (excavation) علي لاشاري ڪري رهيو آهي، ۽ اهو ڪم نالي واري آرڪيالاجسٽ ۽ سيز پاڪستان جي چيئرپرسن ڊاڪٽر ڪليم لاشاريءَ جي ڪوششن سان شروع ڪئي ويو آهي. ان ٽيم ۾ نگران علي لاشاري ڪان علاوه ريسرچ ايسوسيئيٽ ايڪسپلوريشن ۽ ايڪسڪيويشن برانچ جو ميمبر مهر علي شر، سرويئر فيلڊ اسسٽنٽ دانش احمد شيخ، جيالاجسٽ سيد فراز علي، ڪئمپس سپروائيزر ۽ ايڪسپرٽ زاهد ڏيٿو، اسٽوڊنٽ پرٿوي راج ڪتري، فاروق احمد سرگاٽي، تنزيل سومرو، غلام حسين لاکو، غلام مرتضيٰ پل ۽ بابر علي ميرجت شامل هيا. جُهڪر جي دڙي جي کوٽائي لاءِ خاص دلچسپي ثقافت کاتي جي وزير سيد ذوالفقار شاهه ورتي، جنهن ڪري سندس خاص ڌيان ڏيڻ سان هن دڙي جي کوٽائي شروع ڪئي وئي.

جُهڪر جي دڙي جي کوٽائي ۽ ان ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ لاءِ مقامي نوجوان: بابر علي ميرجت ۽ سندس ساٿين جو اهم ڪردار آهي. انهن هن ماڳ تان ڪافي شيون لڌيون، جيڪي انهن لاڙڪاڻو ميوزيم جي حوالي ڪيون ۽ ثقافت کاتي ۽ آرڪيالاجي کاتي سان لکپڙهه ڪري، هِن ماڳ جي کوٽائي لاءِ سرڪار کي آماده ڪيو، ۽ اهو ئي سبب آهي جو 26 جنوري کان 20 فيبروري تائين سنڌ جي هن اهم دڙي جي ڪجهه حصي جي کوٽائي ڪئي وئي آهي.

ان موقعي تي ريسرچ ايسوسيئيٽ ايڪسڪيويشن، ايڪسپلوريشن جي ايڪسپرٽ مهر علي شر ٻڌايو ته، هن دڙي جي کوٽائي ۾ سنڌ حڪومت وڏي دلچسپي رکي ٿي. ان سان گڏ سڄيءَ سنڌ جا ماڻهو چاهين ٿا ته تاريخي ماڳ ۾ لڪل تهذيبي اهڃاڻن جي خبر پوي. اميد آهي ته موهن جي دڙو وانگر هن دڙي کي ظاهر ڪيو ويندو، جنهن کي ماڻهن لاءِ عام ڪري ۽ بين الاقوامي اسڪالرس لاءِ کولي سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾ ماڻهن کي پڻ تحرڪ وٺڻو پوندو. ماڻهو هن دڙي مان ثابت ٿانوَ ڪوٽي ڪڍي، سون ۽ چانديءَ جي لالچ ۾ انهن کي ڀيچي ڇڏين ٿا.



اهڙي لالچ ۾ هن وڏي دڙي کي هنڌان هنڌان ڪڏا کوٽي ڇيهو رسايو پيو وڃي. ان طرح هن دڙي جي تاريخ ختم ٿي رهي آهي. هن دڙي جي کوٽائيءَ ۾ اسان کي گهرن جي ديوارن جا نشان مليا آهن، جيڪي هيٺئين سطح ۾ پڻ موجود آهن. انهن سان هن دڙي جي اصل تاريخ معلوم ٿيندي.

”هي موهن جي دڙي جو همعصر شهر آهي. ان سان گڏ هيءُ جُهڪر جو دڙو، موهن جي دڙي جوئي حصو آهي. هي دڙو 15 يا 18 سئو ق.م. جو معلوم ٿئي ٿو. مختلف ماڻهو ۽ ماهر هن ماڳ کي 5 يا 6 عيسوي جو قرار ڏين ٿا.“ٻئي طرف تمام وسيع ايراضيءَ ۾ موجود آثارن کي نروار ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت وڏي دلچسپي رکي ٿي، پر مقامي ماڻهو هن دڙي سان هٿ چراند ڪري رهيا آهن، جيڪي سون ۽ چانديءَ جي لالچ ۾ دڙي ۾ ڪڏا هڻي، ان جي ديوارن کي سخت نقصان رسائي رهيا آهن ۽ انهن ڇُرن مان ملندڙ ڪيترائي ثابت ٿانوَ ڀڃي ڇڏين ٿا، جنهن سان دڙي جا ڳُجها راز متاثر ٿين ٿا. نه صرف ايترو، پر اسان جي تحقيق جو سڄو سامان متاثر ٿئي ٿو.“

مهر علي شر وڌيڪ ٻڌايو ته، ”سنڌ سرڪار پاران ڀنڀور جي قديم آثارن تي پڻ اٽليءَ جي هڪ ٽيم ڪم ڪري رهي آهي ۽ نواب شاهه جي ڀرسان چانهونءَ جي دڙي تي پڻ فرانس جي ماهرن جي ٽيم مقامي ماهرن ۽ شاگردن سان گڏجي ان جي کوٽائي واري عمل ۾ مشغول آهي. اسان به چاهيون ٿا ته، هن وسيع دڙي جي کوٽائي بين الاقوامي سطح جي ماهرن ۽ اسڪالرس جي ٽيم کان ڪرائي وڃي. جُهڪر ۾ سنڌ جي تاريخ جو خزانو محفوظ پيل آهي، جنهن کي ساجاهه وندن ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن تي اها ذميواري عائد ٿئي ٿي ته، اهي هڪٻئي کي ٻڌائين ته هيءُ اسان جو هڪ تاريخي اثاثو آهي، جنهن جي حفاظت اسان سڀني تي فرض آهي. جيڪڏهن هن دڙي جي مڪمل کوٽائي ٿي ۽ ميوزيم ۽ ٻيا ادارا قائم ٿيا ته، ان سان هن سموري علائقي جي وڏي ترقي ٿيندي ۽ خوشحالي ايندي.

”ميوزيم ٺهندو ته مقامي شاگرد ۽ سڄو تر هٽ ايندو ۽ ڪمائيندو. ان لاءِ اسان سڀني کي سرڪار جو ساٿ ڏيڻ کپي ته جيئن اسان پنهنجي تاريخ جو بچاءُ ڪري سگهون. هتان اسان کي صرف ٺڪراٺو مليو آهي ۽ پر ڪي ثابت ٿانوَ ناهن مليا. البت ڪچيون ۽ پڪيون سِرون پڻ مليون آهن ۽ مٽيءَ جون ديوارون به ملن ٿيون. دڙي جي مٿئين تهه مان پڪي سِر ملي ٿي. هن وقت تائين دڙي مان جيڪي آثار مليا آهن يا ديوارون دريافت ٿيون آهن، انهن سڀني جا اسان نقشا ٺاهيا آهن. ٻيو ته اسان کي هتي ڪن مقامي ماڻهن کي هتان لڌل شيون ڏنيون آهن، جيڪي پڻ قيمتي ورثو آهن.“

بهرحال جُهڪر هڪ مڪمل تهذيب يافته شهر آهي، جنهن جي مڪمل کوٽائي ٿيڻ گهرجي ته جيئن موهن جي دڙي جيان هي ماڳ به دنيا وارن لاءِ تحقيق ۽ تاريخ جو موضوع بڻجي. ان طرح هتي هتي ڪا يونيورسٽي ۽ ٻيا تحقيقي ادارا قائم ٿي سگهن ته جيئن نئين نسل کي مڪمل ڄاڻ ڏئي ڪين پنهنجي تاريخ کان روشناس ڪرايو وڃي. ■

## ممتاز مهر چوراسي سالن جو ٿي ويو


# هو هاٽي هر هفتي صدر وڃي ڪتابن جو ميلو به نه ٿو گهمي سگهي

### اڄ 9 مارچ تي سنڌي ٻوليءَ جي نالي واري ڪهاڻيڪار ۽ نقاد ممتاز مهر جو جنم ڏينهن آهي



غوث پيرزادو

معصوميت جي خوشبو
مونکي هميشه
پنهنجي سحر ۾
جڪڙي ڇڏيندي آهي
هي ڪهاڻيڪار آهي
هن جون ڪهاڻيون پڙهي
ان ڳالهه ۾ يقين پختو ٿي ويندو آهي ته
سنڌ عالمي سطح جا
ڪهاڻيڪار به جنميا آهن
هن جي ڪهاڻين جا سمورا موضوع
نوان آهن-
هو چور ڪهاڻيڪار ناهي
هن جي ڪهاڻين جو لهجو پنهنجو آهي
هن جي لفظن ۾ هڪ جادو آهي
هن جي ڪهاڻين ۾ جدت جا نوان آسمان آهن-
هي رڳو نقاد ناهي
پر هي عظيم تخليقڪار به آهي
تنقيد جي دنيا ۾
ممتاز مهر جي پائي جو نقاد
اسان جي روح ڪي رنگ لائي هليو ويندو آهي-
هن جڏهن به لکيو
سچ لکيو
بي ڊپو ٿي لکيو
بي ريا ٿي لکيو
هن ڪي سماج جي پرواهه ناهي
هن ڪي ادبي منظرنامي مان
نيڪالي ڏيڻ اوهانجي
فهم ڪي ظاهر ڪندي آهي-
پلي هو اسٽيجن جو
سينگار نه هجي
پر اسٽيجون ممتاز مهر جي
لمس پائڻ لاءِ بيقرار رهنديون آهن
سنڌ ممتاز مهر جي
خوشبو سان ادب ڪي
مهڪائيندي رهندي-
هن سان مان پنهنجا سمورا درد ونڊي
سندس ڪلهن تي اڇلي
ايندو آهيان-
هن جون تسليون مونکي
جوان ڪري ڇڏينديون آهن
هن سان منهنجو تعلق
ڏاڍو گهرو آهي
هي منهنجي دل ۾ رهندو
آهي-
تعلق جي ڏور
ڏاڍي مضبوط آهي
هو منهنجي هر ڏک جو
گواهه آهي
هن منهنجي هر سڏڪي
سان
پنهنجو سڏڪو ملائي
منهنجي محبت جو پرم
رکيو آهي-
ممتاز مهر جي



معصوم ٻارڙن جهڙو-
ممتاز مهر چوراسي سالن جو
ٿي ويو آهي
هاٽي هن جي هٿن ۾
لٺ ڏسي مان رڦڻ لڳان ٿو
هو هاٽي هر هفتي صدر وڃي
ڪتابن جو ميلو به
نه ٿو گهمي سگهي!
صدر جي ريگل چوڪ تي
ڪتابن جي بازار
سندس جوانيءَ کان
محبوب رهي آهي
اُن کان پيرو پيڇڻ
سندس فطرت ۾ آهي
هو پوءِ به ٽيڪسي ڪري
هفتي ۾ نه ته
مهيني ۾ چڪر لڳائي اچي ٿو-
اڄ جڏهن اديب ڪتاب نه ٿو پڙهي
هي پوءِ به ڪتاب پڙهي ٿو
اڄ به ادب تي هن جي
گهري نظر آهي-
ممتاز توهان ڪنڌائتا ناهيو!
نه توهان ڪي ڪير به
ڪنڌائتو ڪري ٿو سگهي
توهان اسان جو
عشق آهيو
اوهان جو جنم ڏينهن
سپاويڪ آهي
توهان سنڌ جي ادب جو نڪ آهيو
توهان کان سواءِ سنڌي ادب
بي نڪو آهي!
جنم ڏڻ مبارڪ
پيارا ممتاز مهر
شال خوش هجو
محبوب سائين! ■

## اڄ سنڌ جي روشن خيال اديب ملڪ نديم جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي

# سنڌيءَ ۾ تجريدي نظم جو موجد ملڪ نديم



سرور سيف

سنڌ ۾ شاعر ۽ سريلا شاعر ڪيترائي رهيا آهن، جن پنهنجي ذات سان پاڻ ميرايو آهي ۽ پڙهندڙن جي دلين ۾ جايون جوڙيون آهن، انهن ۾ هڪ وڏ نانءُ محترم ملڪ نديم جو به آهي، جيڪو ترقي پسند ادبي تحريڪ جو پرجهلوليڪ ۽ روشن خيال فڪر جو پرچارڪ هو. سندس شاعريءَ جا موضوع سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جا ڏک درد هيا.

هيءُ هر ڏاڍ تي تڙپي پوندڙ حساس شاعر هو، جنهن عوامي سڄاڳي ۽ سنڌين جي اتحاد لاءِ پاڻ پتوڙيو. هن هميشه شاعريءَ ۾ وڏيرڪي سماج جي ڪريل رخ کي نروار ڪيو، وڏيرن جي ظلم ستم کي وائکو ڪيو ۽ ان کي سنڌ جي هر مصيبت جو ذميوار قرار ڏنو.

ملڪ نديم شاعريءَ ۾ هر اسلوب اختيار ڪيو، قومي نظم ۽ گيت لکيا. هيءُ سنڌيءَ ۾ تجريدي شاعريءَ جو موجد آهي. هن علامتن جو سهارو وٺندي پنهنجا خيال اهڙي نموني پيش ڪيا جو پڙهندڙ اهي آسانيءَ سان ۽ پوري ڌيان پڙهي، انهن جي اصل مقصد تي پهچي سگهن. آمريتي دور ۾ هن اهڙيون ڪوتائون سرجيون، جيڪي جهڙي تهڙي شاعر جو ڪم نه هو. هن علامتن ۾ ظلم ۽ بربريت جا چوڏا لاٿا ۽ ڪوڙ کي ننگو ڪيو. سندس تجريدي نظم جديد سنڌي ادب جو اثاثو آهن.

ملڪ نديم اعليٰ پايي جو نقاد به هئو. "پٽائي بڪ هڙتال تي" ۽ سندس ٻيا مقالا تنقيدي ادب ۾ اهم جاءِ والارين ٿا. سچل سائينءَ تي سندس تحقيق، سچل بابت نون خيالن جو اظهار آهي. سندس پي ايڇ ڊيءَ جو مقالو پڻ سندس خودداري ۽ بيباڪي جي آرسي آهي. هن سڄي حياتي علم ڏيڻ ۽ وٺڻ ۾ گذاري. افسوس جو سندس پنهنجي اداري قدر نه ڪيو، جنهن جو هو مستحق هو. سچ ته ملڪ نديم جهڙا کرا، سچا، بيباڪ، مصلحت پسندي ۽ مفاهمت کان وونئڻ ويندڙ ۽ سمجهوتي بازيءَ کي پنهنجي غيرت لاءِ للڪار سمجهندڙ اديب، استاد ۽ شاعر سنڌ ۾ ڪي ٿورائي ملندا.

9 مارچ تي پروفيسر عبدالرزاق ملڪ نديم جي ورسي آهي. ان حوالي سان ڪيس هيءَ پيٽا پيش ڪندي مان سندس به تجريدي نظم پنهنجي پڙهندڙن جي لاءِ پيش ڪريان ٿو.

**منهنجي جواني ڪنهن به موسم نه چورائي**

جواني،
حسن آهي،
حسن،
جواني آهي،
تون جواني ڪهڙين موسمن ۾ لڪائي آئي آهين؟
موسمن جا چور آيا،
ڪيئي ڌاڙيل آيا،
مان ته پنهنجي جواني،
پنهنجو حسن،
ڪنهن به موسم کان چورائڻ نه ڏنو،
ڪنهن به موسم کي لٽائڻ نه ڏنو-
تنهنجي جواني،
چورائڻ وارو چورُ،
ڪو زور آور هيو،
تنهنجو جوڀن لٽڻ وارو ڌاڙيل،
ڪو ظالم هيو.



تجريدي نظم

درد جي ڏکهي تپيل سڙڪ،
دوستي جو ڪٽي به رڪشو نه ملندو،
ڪٽي به محبت جو وڻ ڪونهي،
پرير جو پاڻي ڍڪ به نصيب نه ٿيندو،
اڃ چاهين ته اڃجان،
مان، منزل،
هڪ طويل چمي سان،
تنهنجي آجيان ڪندس. ■

# آڪاش انصاريءَ جا گيت ۽ ساڻس ٿيل هڪ ڊگهي ڪچهري

جنوري جي ان ٿڌڙي ڏينهن، صبح جو ڏهه وڳي کان شام جو پنجين وڳي تائين ساڻس خوب ڪچهري ٿي، جنهن ۾ مون اِهو محسوس ڪيو ته هي پنهنجي ذات سبب ڪيڏو وڏو ماڻهو هوندي به پورو ڏينهن مونکي ڏئي پيو ۽ منهنجي ڳالهين کي غور سان ٻُڌي به پيو. اسان شاعري، موسيقي، فلمن، سياست، تعليم، ملڪي ۽ سماجي حالتن سميت ڪيترن ئي موضوعن تي ڪچهري ڪئي.



**سرمد کوسو**



15 فيبروري، 2025ع تي صبح جو معمول موجب سوير اسڪول پنهنجي ڊيوٽي تي وڃي رهيو هئس ته رستي ۾ خبر ناهي ڇو ڊاڪٽر آڪاش انصاري جون هي سِٽون ذهن ۾ گونجڻ لڳيون:

”وقت جي ڇيچ ۾،
زندگيءَ جو ڇلو،
پيو ٿئي گهرگهلو، يار جلدي مِلو..“

جيتوڻيڪ اهو گيت ذوالفقار علي ۽ مظهر حسين بيحد سهڻو ڳايو آهي، ۽ اُها ڌن مقبول به گهڻي ٿي آهي، پر اُن وقت منهنجي سماعتن ۾ بادل راهي جو آواز گونجي رهيو هئو. بادل راهيءَ اهو انتهائي درديلي انداز ۾ ڳايو آهي..... خير، اسڪول پهتس، ڪلاس وٺي جيئن ئي آفيس ۾ آيس ته هڪ دوست چيو، ”ڊاڪٽر آڪاش انصاري گذاري ويو...“ مونکي اعتبار نه آيو. چيومانس، ”ٻُليو آهين. ڪلهه ڊاڪٽر ذوالفقار سيال گذاري ويو آهي، اُن بابت ڪٿي پڙهيو يا ڏٺو هوندئي.“ چيائين، ”نه، مون سوشل ميڊيا تي مختلف دوستن جون پوسٽون ڏٺيون آهن..“ ۽ پوءِ هُن مونکي به اُهي پوسٽون ڏسيون.... منهنجو آواز ۽ اکيون پرجي آيون...

ذهن جي اسڪرين تي ماضيءَ جي يادن جي فلم هلڻ لڳي... پنجين ڪلاس جو شاگرد آهيان. ڳوٺان بابا سان گڏجي بدين وڃان ٿو ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ سان ملاقات ڪرڻ لاءِ... مون، هن بابت ”ٻارن جي دنيا“ ۾ مضمون پڙهيو هو.. بدين پُهچي خبر پوي ٿي ته ڊاڪٽر بدين ۾ ناهي. بابا مونکي چئي ٿو ته، ڊاڪٽر ڪٿي ڪم سان نڪري ويو آهي، هل ته توکي سندس بيحد پياري دوست سان ملايان ٿو. اهو دوست ڊاڪٽر بچل ميمڻ صاحب آهي، جيڪو مون سان بيحد پيار سان ملي ٿو ۽ ڊاڪٽر آڪاش جو ذڪر ٿئي ٿو....

ننڍي هوندي کان موسيقيءَ سان لڳاءُ رهيو اٿم. ڊاڪٽر آڪاش جي شاعري ريڊيو جي ته هر پروگرام جي سونهن هوندي هئي. سرمد سنڌي جي آواز ۾ جڏهن هي سِٽون ٻُڌندو آهيان ته اکيون پرجي اينديون آهن:

”جڏهن جيءَ جهورڻ، هي آيون جدايون،
الئه ڇو اوهانجون اکيون ياد آيون....“

اهڙي طرح سُريلي راڳي الهڏني خاصخيلي سندس هي ٻول ڪيڏا نه شاندار ڳايا آهن ۽ انهن ۾ ڪيڏو نه درد آهي: ”تون پُڇين ٿو، پرين مان هليو ڇو ويس...“

منهنجي ذهن ۾ اِهو خيال به اچي ٿو ته، ڪيس ڳائي مچتا ماڻيندڙ سرمد سنڌي، الهڏنو خاصخيلي ۽ صادق فقير به جهان ڇڏي ويا آهن. صادق فقير جي آواز ۾ ڳايل: ”اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا....“ ڪنهن کان وسري سگهندو؟

آڪاش جو ويجهو دوست ۽ خوبصورت شاعر حسن درس به ته ناهي رهي. ڏکوئيندڙ ڳالهه اِها به لڳم ته: جيتوڻيڪ هر وڇوڙو اذيتناڪ هوندو آهي، پر هِنن سمورن جو وڇوڙو ڏاڍو المناڪ ۽ دردناڪ آهي.

فيس بڪ تي جُڙيل هجڻ سبب ساڻس ڪڏهن ڪڏهن دعا سلام ٿيندي هئي. گذريل سال جنوريءَ ۾ کيس ميسيج ڪيم ته، ”سائين وقت ڏيو، دل ڪچهري لاءِ چوي پئي،“ ته چيائين، ”بابا هليا اچو، جڏهن به دل چوي.“ ڪجهه ڏينهن کانپوءِ آئون ساڻس ملڻ ويس. جنوري جي ان ٿڌڙي ڏينهن، صبح جو ڏهه وڳي کان شام جو پنجين وڳي تائين ساڻس خوب ڪچهري ٿي، جنهن ۾ مون اِهو محسوس ڪيو ته هي پنهنجي ذات سبب ڪيڏو وڏو ماڻهو هوندي به پورو ڏينهن مونکي ڏئي پيو ۽ منهنجي ڳالهين کي غور سان ٻُڌي به پيو. اسان شاعري، موسيقي، فلمن، سياست، تعليم، ملڪي ۽ سماجي حالتن سميت ڪيترن ئي موضوعن تي ڪچهري ڪئي. مون جڏهن کيس موسيقيءَ جي جديد ايپليڪيشن Spotifyبابت ٻڌايو ته، چيائين، ”يار وارو ڪر، اِهو مونکي به ڊائون لوڊ ڪري ڏي.“ ايئن Netflixتي ايندڙ فلمن تي به گفتگو ٿي.... اسان مانجهاندو گڏجي ڪيو. ڊاڪٽر پنهنجي هر مهمان کي مڃي پاڻ پچائي، ضرور کارائيندو هو. اُن ڏينهن مونکان اڳواٽ پُڇيائين ته، ”بابا ماني گڏجي کائينداسين، مڇي ته کائيندا آهيو نه؟“ سو، اسان اُن ڏينهن مڇي به کاڌي... ڪچهري ڪندي چيائين ته، ”مونکي نوجوانن سان ڪچهري ڪندي، مزو ايندو آهي. انهن وٽ نوان خيال ۽ جذبو آهي.“

اُن ڏينهن مون کيس پنهنجا ڪتاب به ڏنا ۽ هن مونکي پنهنجي شاعريءَ جو انگريزي ۾ ڊاڪٽر سحر گل پاران ڪيل ترجمي وارو ڪتاب به ڏنو. جڏهن شام جو موڪلايوسين ته پاڻ مونکي ٻاهر دروازي تي ڇڏڻ آيو. جيتوڻيڪ انهن ڏينهن ۾ ڪنهن حادثي سبب سندس ڄنگهه جي سرجري به ٿي هئي. منهنجي روڪڻ باوجود چيائين،”اڙي بابا، ايئن ڪيئن ٿيندو، هلون ٿا گڏ....“ اسٽڪ جي مدد سان پاڻ مون سان گهر کان ٻاهر گڏجي آيو.. اسانجي انهيءَ ملاقات وارن ڏينهن ۾ ئي صنم مارئيءَ سندس هيءَ شاعري نئين ڌن ۾ ڳائي هئي....

”هن دل ڪرڻ ٿي چاهيا،
توسان هزار جهيڙا،
پر دل وري چيو ايئن،
توسان حساب ڪهڙا....؟!“

هي لفظ لکندي به ذهن ۾ سندس مسڪرائيندڙ عڪس مهڪي پيو ۽ مون وٽ وڏيڪ لفظ ناهن، جو سندس ذات ۽ ڏات تي لکي سگهان... بس ايترو چوندس ته، هن زنده دليءَ سان ڀرپور زندگي گذاري ۽ هي هميشه پنهنجي گيتن، شاعري ۽ مزاحمتي ڪردار سبب اسانجي دلين ۾ زنده رهندو. ■

## صدائن جي هڪڙي سحر جي پڇاڻي

(ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي نانءِ)



محمد خان سمون

گهٽائُن جي هڪڙي سفر جي پڇاڻي
هوائن جي هڪڙي گذر جي پڇاڻي

هو آڪاش ٽٽيو، ٽٽيو ڪين بادل
ادائن جي هڪڙي اثر جي پڇاڻي

سندر سانوڻين ۾ مڌر گيت تنهنجا
صدائن جي هڪڙي سحر جي پڇاڻي

نه ڪوڪ آ ڪلا جي نه آلاپ هاڻي
وفائن جي هڪڙي ولر جي پڇاڻي

متارن جي مڌ لئه نه موکي رهي ڪا
مداحن جي هڪڙي شهر جي پڇاڻي

خانو آهي خالي ’سمان خان‘ دل جو
دعائن جي هڪڙي پهر جي پڇاڻي

## آڪاش انصاريءَ کي پيٽا



اسير اياز

دولت ۽ انا خاطر الماس سڙيو آهي
سنسار محبت جو آڪاس سڙيو آهي

ايثار محبت جي اُپتار هئي جنڙي
انسان هٿارو ات احساس سڙيو آهي

جنهن شخص ڪيا روشن مينار محبت جا
ان گهر ۾ وفائن جو اپياس سڙيو آهي

ڪاڳر ۽ ڪلي وانگر آتش ۾ اکين سامهون
سرعام ڳلي ۾ ماڻهوءَ ماس سڙيو آهي

اشعار ذريعي جنهن اتساهه ڏنو سڀ کي
اهڙو اسير سو قرطاس سڙيو آهي

# نامياتي خوراڪ ڪان پري ٿي ويل اڄ جو انسان

غير نامياتي خوراڪ واپرائڻ سان انسانن ۾ دل جون بيماريون، رت جو دٻاءُ ۽ ٻيا روڳ وڌي رهيا آهن. صحت جو عالمي ادارو ان سلسلي ۾ وقت بہ وقت خبردار بہ ڪندو رهي ٿو، چاڪاڻ تہ غير نامياتي خوراڪ جي ڀيٽ ۾ قدرتي وسيلن مان ملندڙ نامياتي خوراڪ تمام گهڻي صحت بخش آهي. پروٽين سان ڀرپور نامياتي خوراڪ واپرائڻ وارو ماڻهو ان جي خوشبوءِ ۽ لذت مان واضح طور فرق محسوس ڪري سگهي ٿو. ٿر، ڪاڇو، ڪوهستان ۽ ٻيا باراني علائقا نامياتي خوراڪ جي پئداوار جا قدرتي فارم آهن.



نور محمد سمون

پاڻ عام طور جيڪو اناج، ڀاڄيون، داليون، مڇي، گوشت، بيضا، کير، مکڻ ۽ ميوا وغيره واپرايون پيا، اها سموري خوراڪ گهڻو ڪري هائبرڊ ٻج، ڪيميڪل ڀاڻ ۽ زهريلين دوائن جي ڦوهارن سان کاهي وڃي ٿي. گوشت ۽ کير ڏيندڙ جانورن کي واڙي ۾ رسي سان هڪ هنڌ ٻڌو وڃي ٿو، تنهن ڪري اهي سڄي ڏينهن ۾ صرف چند قدم ڪٽي سگهندا آهن. جسم جي ورزش نہ ٿيڻ ڪري بہ کير ۽ گوشت جي لذت تي منفي اثر پوي ٿو. ان ڪان سواءِ هاڻ اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ فارمي ڪڪڙن ۽ مڇين جي خوراڪ وانگر ڪارخانن ۾ مختلف ڪيميڪلز جي ملاوٽ سان تيار ٿيندڙ خوراڪ ڏني پئي وڃي ۽ جيڪڏهن گاهہ خوراڪ طور ڏنو وڃي ٿو تہ، اهو بہ فصلن ۽ ميوات وانگر ڪيميڪل ڀاڻ ۽ دوائن جي مدد سان اُپايو وڃي ٿو، تہ جيئن انسانن جي مروج خوراڪ جون اهي سموريون شيون ٿوري وقت ۾ گهڻي ڪان گهڻي مقدار ۾ پيدا ڪري سگهجن.

جيئن تہ آبادي تيزيءَ سان وڌي رهي آهي، جنهن ڪري ان جي خوراڪ جون وڌندڙ ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ اهڙا اپاءَ وٺڻ تمام گهڻا ضروري بہ آهن، پر ساڳئي وقت اهڙي غير نامياتي خوراڪ واپرائڻ سان هن دور جي انسانن ۾ دل جون بيماريون، رت جو دٻاءُ ۽ ٻيا روڳ وڌي رهيا آهن. صحت جو عالمي ادارو ان سلسلي ۾ وقت بہ وقت خبردار بہ ڪندو رهي ٿو، چاڪاڻ تہ غير نامياتي خوراڪ جي ڀيٽ ۾ قدرتي وسيلن مان ملندڙ نامياتي خوراڪ تمام گهڻي صحت بخش آهي. پروٽين سان ڀرپور نامياتي خوراڪ واپرائڻ وارو ماڻهو ان جي خوشبوءِ ۽ لذت مان واضح طور فرق محسوس ڪري سگهي ٿو. ٿر، ڪاڇو، ڪوهستان ۽ ٻيا باراني علائقا ئي نامياتي خوراڪ جي پئداوار جا قدرتي فارم آهن. اتي برسات تي ٿيندڙ فصلن: جهڙوڪ ٻاجهر، مڱ، ڪورڙ، تر، گوار، گدري ۽ چڀڙ وغيره کي ڀاڻ يا زهريلين دوائن جا ڦوهارا ڪندا ئي ناهن. ساڳي طرح باراني علائقن ۾ پلجندڙ جانور روزانو درجنين ڪلوميٽر هلي جهنگ جو قدرتي گاهہ ۽ ٻوٽيون کائين ٿا، جنهن ڪري انهن جو گوشت، کير، مکڻ ۽ گيهہ بہ تمام گهڻو لذيذ ٿئي ٿو. سمنڊ، درياهہ ۽ ڍنڍن جي مڇي بہ قدرتي خوراڪ کائڻ جي ڪري تلاءُن ۾ ڪيميڪل واري خوراڪ کائڻ ۽ چند فوٽن جي ننڍڙي تلاءَ ۾ رهڻ ڪري اڄڪلهہ فارمي ڪڪڙن وانگر وزن تہ جلدي وڌائي ويندي آهي، پر ان ۾ قدرتي خوراڪ کائيندڙ ديسي ڪڪڙ ۽ مڇيءَ جي گوشت جهڙو سواد ناهي هوندو. ساڳي طرح ڍنڍن، درياهہ ۽ سمنڊ جي پاڻين تي ۽ جهنگلن ۾ پلجندڙ پکين ۽ جهنگلي جانورن جو گوشت بہ نامياتي آهي. انهن پاڻين مان ملندڙ ۽ ٻوراني وغيره بہ نامياتي خوراڪ آهن.

باراني فصلن مان ملندڙ گدرن، چڀڙن ۽ گوار کي ڏٿ طور محفوظ رکي سالن تائين واپرائي سگهجي ٿو. ڏٿ مان اڄا تائين صرف گدرا، چڀڙ، سڱريون ۽ ڪنيپون لهڻ وقت باراني ۽ بٺراج ايراضي جي سنگم وارن سمورن شهرن جي بازارن ۾ وڪري لاءَ ڪيترائي هفتا موجود رهنديون آهن. ٿري هارين ۽ آبادگارن ڪان سواءِ عام شهري بہ اهو تازو لٽل سائو ڏٿ پنهنجي سال جي ضرورت مطابق خريد ڪري وڏي، اٻاري ۽ سڪائي سنڀالي گهرن ۾ رکندا آهن، پر پنهنجي ملڪ ۾ ڪنهن حد تائين نامياتي خوراڪ جي فارمنگ جا تجربا ٿيڻ باوجود ان جي اهميت بابت عام آگاهي نہ هئڻ ڪري هيءَ سموري قيمتي خوراڪ مارڪيٽ ۾ پنهنجي جاءِ ناهي ناهي سگهي!

زراعت ۽ خوراڪ تي ڪم ڪندڙ گڏيل قومن جو ”فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائيزيشن“ نالي ادارو اٽلي ٿيندڙ نامياتي خوراڪ جي پئداوار وڌائڻ لاءِ تحقيقاتي تربيتي ۽ فني مدد جي ڪيترن ئي پروگرامن تي ڪم ڪري رهيو آهي.

عالمي اداري پاران گهٽ سيڙپ سان گهڻي مقدار ۾ نامياتي خوراڪ پئدا ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا سيکاريا پيا وڃن. دنيا ۾ هن اهم خوراڪ جي پئداوار تي غير نامياتي خوراڪ جي ڀيٽ ۾ 5 ڀيرا وڌيڪ خرچ اچي رهيو آهي.

پاڪستان توڙي وچ اوڀر، ڏور اوڀر، يورپ ۽ دنيا جي ٻين علائقن جي سياحت تي رهندڙ اديب ۽ ليکڪ حفيظ ڪنبر هن خوراڪ جي اهميت بابت لکي ٿو تہ ”پنهنجي ملڪ ۾ بہ نامياتي فارمنگ ٿيڻ گهرجي، پر ٿر، اڇڙي ٿر، ڪاڇي، ڪوهستان، درياهہ جي ڪچي ۽ باراني علائقن تي پلجندڙ جانور فصل ۽ ڀاڄيون قدرتي طور 100 سيڪڙو نامياتي آهن، تنهن ڪري عام فارمنگ مان حاصل ٿيندڙ خوراڪ جو هڪ ڪلو گرام 200 رپين ۾ ملي ٿو، تہ نامياتي خوراڪ جي ان وڙ جو هڪ ڪلو 1000 رپين ۾ وڪرو ٿيڻ ڪپي، پر هتي صرف ديسي ڪڪڙ فارمي ڪڪڙن ڪان ڪجهہ وڌيڪ مهانگو ملي ٿو، باقي سموري نامياتي خوراڪ غيرنامياتي خوراڪ ڪان سستي وڪرو ٿي رهي آهي.“ ■




# آمريڪي اداڪاره مونيڪا باربيرو







مونيڪا باربيرو مشهور آمريڪي اداڪاره آهي، جيڪا 18 جون 1990 تي سئن فرئنسسڪو، ڪئليفورنيا تي پيدا ٿي. مونيڪا باربيرو ٽيليويزن ۽ فلمن ۾ اداڪاريءَ جي حوالي سان ڪافي شهرت رکي ٿي. هي مِل ويليءَ ۾ وڏي ويجهي. ڪيس ننڍپڻ ڪان ئي فن سان چاهہ پيدا ٿيو ۽ هن بيليٽ (ناچ) سان پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ڪئي. 2007 ۾ گريجوئيشن ڪان پوءِ هن فائن آرٽس جي ڊگري بہ حاصل ڪئي. انهيءَ وقت ڪيس اداڪاري سان بہ دلچسپي پيدا ٿي پئي. 2010 ۾ هن بيورلي هلز پلي هائوس مان باقاعده اداڪاري جا ڪلاس اٽيند ڪرڻ شروع ڪيا.

مونيڪا باربيرو اداڪاريءَ جي شروعات ننڍڙن ڪردارن ڪا ڪئي، البت 2013 ۾ جڏهن سندس شارٽ فلم ’اٽز ناٽ اباوٽ دي نيل‘ وائرل ٿي تہ ڪيس جوڳي شهرت ملي. ڪيس وڌيڪ شهرت 2016 ۾ لائف ٽائمز وارن جي انريئل سيزن 2 مان ٻيل جي ڪردار سبب ملي، جنهن ڪان پوءِ سندس لاءِ نالي ۽ ناٽي جا در کلي ويا. ۽ هن اين بي سي جي شڪاگو جسٽس، دي گڊ ڪوپ اسپلنگ اپ ٽوگيدر جهڙن ٽيوي شوز ۾ پاڻ ملهايو.

فلمن ۾ ڪيس ٽاپ گن ميورڪ، فيوبار ۾ اهم ڪردار مليا، جڏهن تہ ”اي ڪمپليٽ اننون“ سندس تازي فلم آهي، جنهن ۾ سندس ڪردار ۽ اداڪاريءَ کي پسند ڪيو پيو وڃي. پنهنجي فلمي مصروفيتن جي باوجود مونيڪا پنهنجي ناچ جي شوق سان بہ واڳيل آهي. ان سلسلي ۾ مختلف پروجيڪٽس ۾ ڪم ڪري رهي آهي. ■

# موسمياتي تبديلين ۽ تعليمي ڍانچي ۾ تبديلين جي گھُرج

موسمياتي تبديلي جي 2021ع جي پاليسيءَ ۾ تعليمي ادارن تي موسمياتي تبديلين جي اثرن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي، خاص ڪري وڏنڊڙ گرمي ۽ موسمن جي شدت کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪا به رهنمائي فراهم نه ڪئي وئي آهي. ان کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته موسمياتي تبديلي ۽ تعليم جون وزارتون رڳو عارضي قدمن جهڙوڪ اسڪولن جو وقت گھٽائڻ ۽ برساتن ۾ موڪلن جي بدران ڊگھي مدي وارا قدم کڻن.



ناصر علي پنهور

موسمياتي تبديلين جي ڪري جتي مختلف شعبا متاثر ٿي رهيا آهن، اُتي ٻارن جي تعليم ۽ صحت به سخت متاثر ٿي رهي آهي. هڪ تحقيق موجب 1980ع کان 2007ع تائين مجموعي طور پاڪستان ۾ گرم ڏينهن ۾ 31 ڏينهن جو اضافو ٿيو آهي، جڏهن ته ساموندي ڪناري وارن علائقن ۾ گرمي پد ۾ هڪ ڊگري سينٽي گريڊ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. پاڪستان جي گرمي پد ۾ واڌ عالمي سطح جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. سخت گرمي اڄ جي حقيقت آهي، جنهن کان انڪار نه ٿو ڪري سگھجي. ان صورتحال جي باوجود موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ لاءِ تعليم جو شعبو اڃا تائين خاموش آهي.

موسمياتي تبديليون جيڪي هاڻي معمول جو حصو ٿي رهيون آهن، تعليم کاتي توڙي تعليمي ادارن کي اڳيان وڌي سنجيدا قدم کڻڻ جي ضرورت آهي، ته جيئن هن بحراني صورتحال ۾ ٻارن کي هڪ محفوظ ۽ مددگار سکيا وارو ماحول ملي سگھي ٿو. تعليمي ادارا خاص ڪري اسڪول معاشري جو عڪس آهن، جيڪي موسمي تبديلين جي بحران کي منهن ڏيڻ ۾ پهرين صف ۾ بيٺا آهن.

شديد گرمي ڪلاس ۾ نه رڳو شاگردن ۾ بي چيني جو سبب ٿئي ٿي، پر سندن صحت ۽ سکيا به متاثر ٿئي ٿي. گرميءَ جي ڪري جسم ۾ پاڻي جي کوٽ ۽ ان سان لاڳاپيل ٻيون بيماريون ٿين ٿيون. تعليمي ادارن جو ناقص بنيادي ڍانچو ان صورتحال ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ٿو. ڪيترن اسڪولن ۾ هوا جي گذر جو مناسب بندوبست ۽ ڇانو نه هئڻ ڪري به وڌنڊڙ گرمي ۾ ٻارن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي.

هن وقت تائين ادارن توڙي پاليسي ٺاهيندڙن طرفان رڳو عارضي قدم کنيا ويا آهن، جيئن اسڪولن جي وقت ۾ تبديلي وغيره، پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته بامقصد ۽ پائيدار قدم کڻي بدلجندڙ موسمن ۾ ٻارن کي بهتر ماحول فراهم ڪيو وڃي.

2022ع جي ٻوڏ ۾ 30 هزارن کان وڌيڪ اسڪول تباهه ٿي ويا هئا، جنهن مان اهو واضح آهي ته اسڪولن جو بنيادي ڍانچو پائيدار ناهي.

موسمي تبديلين جي ڪري ايندڙ آفتن کي منهن لاءِ ضروري آهي ته اسڪولن جي تعمير ۾ موسمي تبديلين کي منهن ڏيڻ وارن اصولن کي شامل ڪيو وڃي. اسڪولن کي سولر ذريعي ماحول دوست توانائي فراهم ڪري بجلي جي عدم دستيابي کي منهن ڏيڻ گھرجي ۽ اسڪولن جي عمارتن ۾ هوا ۽ روشنيءَ جي گنجائش رکڻ سان گڏ وڻڪاري ڪئي وڃي، ته جيئن ٻارن کي ڇانو ملي سگھي ۽ اهي پکي پکڻ ۽ ٻي جيوت کي به ڏسي سگھن ۽ فطرت جي به ويجهو اچن. اڄڪلهه جا ٻار حقيقي زندگي کان پري ٿيندا پيا وڃن، خاص ڪري شهرن ۾ رهندڙ ٻارن کي زراعت جي ڪا خبر ناهي ته ڪيئن فصل پوکيا ويندا آهن، چوپائي مال جي سارسنڀال ڪيئن ڪبي آهي، ڀاڄيون ڪيئن پوکبيون آهن، ڪهڙا جيت جڻيا، پکي ۽ وڻن جا قسم آهن، ڪهڙا درياهه ۽ ڍنڍون آهن ۽ ٻهراڙي ۾ ماڻهو زندگي ڪيئن گذارين ٿا، جيڪي اسان جي لاءِ کاڌ خوراڪ پيدا ڪن ٿا.

موسمياتي تبديلي جي 2021ع جي پاليسيءَ ۾ تعليمي ادارن تي موسمياتي تبديلين جي اثرن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي، خاص ڪري وڌنڊڙ گرمي ۽ موسمن جي شدت کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪا به رهنمائي فراهم نه ڪئي وئي آهي. ان کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته موسمياتي تبديلي ۽ تعليم جون وزارتون رڳو عارضي قدمن جهڙوڪ اسڪولن جو وقت گھٽائڻ ۽ برساتن ۾ موڪلن جي بدران ڊگھي مدي وارا قدم کڻن.




تعليمي ڪيلينڊر کي موسمي تبديلين سان هم آهنگ ڪرڻ جي ضرورت آهي. اونهاري ۽ سياري جي موڪلن جي شيڊيول ۾ تبديليون ڪري ٻارن جي صحت جي حفاظت سان گڏ سکيا جي عمل کي بهتر ڪري سگھجي ٿو. اسڪولن ۾ وڻن جون مقامي جنسون پوکي ٿڌڪار جو ماحول جوڙي سگھجي ٿو ۽ گرمي پد ۾ گھٽتائي آڻي سگھجي ٿي. ائين ڪرڻ سان ٻارن ۾ ماحولياتي جاڳرتا پڻ پيدا ٿيندي.

وڌنڊڙ گرميءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ اسڪول يونيفارم ۾ به تبديليون اٽر آهن. هلڪي وزن ۽ رنگ واري يونيفارم سان گڏ ٽوپي پائڻ کي لازمي قرار ڏيڻ جي ضرورت آهي.

اسڪولن ۾ تعليمي سرگرمين جي شيڊول تي به نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيئن راندين جون سرگرميون ڏينهن جي ٿڌي پهر ۾ ڪرڻ کي ترجيح ڏيڻ گھرجي.

موسمي تبديلين کي سمجهڻ توڙي ان کي منهن ڏيڻ لاءِ نصاب ۾ تبديليون ڪرڻ جي ضرورت آهي. ماحول بابت تعليم ڏيڻ سان ٻار نه رڳو موسمي تبديلين جي اثرن کان آگاهه ٿيندا، پر پائيدار قدم کڻڻ لاءِ ڪين گھربل ڄاڻ به ملندي. اسڪول جي سطح تي هڪ مثالي ماحول پيدا ڪري سگھجي ٿو، جنهن سان ٻارن جي روزاني جي زندگيءَ ۾ ماحول دوست قدر شامل ڪري سگھجن ٿا ۽ هڪ اهڙو نسل تيار ڪري سگھجي ٿو، جيڪو موسمي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکندڙ هجي. ■

## فاصلاتي ڪچهري

# ادب جي فني گھُرجن بابت اديبن جا ويچار

ڪاوش دنيا پنهنجي محترم پڙهندڙن اڳيان اهو سوال رکيو هئو ته، ”اوهان ٻڌائيندا ته ڪهاڻي، شاعري، ڪالم، ڪتاب تي تبصرو، خاڪو، جائزو، تنقيدي اڀياس، سفرنامو يا ڪنهن ٻي صنف ۾ لکڻ جي لاءِ فني گھرجن جي پورائي واسطي علمي سکيا يا انهن علمن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ضروري آهي يا جيئن ليکڪ جي مَن ۾ اچي، تيئن لکي ڇڏي،“ ان جي موٽ جن پڙهندڙن اسان ڪي رايا موڪليا، انهن مان چونڊ هتي ڏجن ٿا:

### متل جسڪاڻي

ذميواريءَ سان لکجي. ”ذميواريءَ سان لکڻ“ بابت سکڻ ۽ سيکارڻ جي تمام گھڻي ضرورت آهي.

### شيراز نواز شيخ

فني گھرجون پُوريون ڪرڻ تمام ضروري آهن، ان لاءِ سکيا جي اشد ضرورت آهي. جيئن دل گھري، تيئن لکجي، ان لاءِ به فن هجڻ کپي. اسان وٽ گرامر جي ڄاڻ ڪنهن کي به ڪونهي ته اهو شخص ڇا لکي سگھندو. تنقيد جو علم ڪنهن وٽ به ڪونهي. تقريباً تنقيدي علم، جيڪو به، جيترو به نظر مان گذريو آهي، اهو ذاتيات تي حملو لڳو آهي، باقي زيرو جو زيرو آهي. ان حوالي سان سکيا تمام گھڻي ضروري آهي، نه ته نئين نسل لاءِ اڳتي هلي وڏيون ڏکيائون پيش اينديون.

### آفتاب سليمان لغاري

ڪنهن به ادبي ۽علمي تخليق يا ڪا ڪويتا وغيره سرجڻ لاءِ پهرين ليکڪ جو پنهنجو مشاهدو ۽ مطالعو انتهائي ضروري آهي. جڏهن ڪو ماڻهو پڙهي، پرک ڪري، پروڙي پوءِ ئي ڪنهن موضوع تي لکڻ لاءِ قلم کڻندو ته يقينن هو پنهنجي خيالن جي اُپٽار ٺڪي توري ڪري سگھندو. توڙي جو تخليقي سگھه هڪ قدرتي تحفو/ڏات آهي، پر ان کي سينگاري پيش ڪرڻ لاءِ مشاهدو ۽ مطالعو ضروري آهي.

### نويد نازاڄڻ

هر ڪم ۾ فن جو هئڻ ضروري آهي. جيستائين ڳالهه ادبي صنفن جي حوالي سان آهي ته، انهن لاءِ فن ته نهايت ئي ضروري آهي، پر اخباري ضرورتن جي بنياد تي لکڻ وقت فني گھرجون پري رکيون وينديون آهن. جيڪڏهن ائين ڪرڻ سان مضمون تي ڪو فرق نه ٿو پوي ته، اهو سڀ ڪجهه ڪري سگھجي ٿو، پر ان کي هميشه لاءِ عمل ۾ نه آڻڻ گھرجي. ■

## ڪتاب: ڪارونجهر: تاريخ جو دستاويز (تحقيق) – ليکڪ: معصوم ٿري

# معصوم ٿري ڪارونجهر جو قرض لاهي ٿو

**معصوم ٿريءَ سنڌو تهذيب جي قديم آثارن يا ماڳن بابت پيرائتي ڄاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي. اهو بہ ممڪن آهي تہ ڪو آرڪيالاجسٽ اها سموري معلومات پنهنجي ترتيب سان سهيڙي ها، جڏهن تہ معصوم ٿريءَ مليل سڀ معلومات پنهنجي پيرائي ۾ سهيڙي آهي، جنهن ڪري اها پڙهندڙ، تاريخدان توڙي محقق لاءِ آسانيءَ واري ٿي پئي آهي.**



رکيل مورائي

سنڌ جي تاريخ ۽ ان جي تهذيبي ارتقا تي لکڻ هڪ اهڙو مسئلو آهي، جيڪو هر ليکڪ جي حل ڪرڻ جو نہ آهي _ ۽ اهو معصوم ٿريءَ جي بہ وس ۾ نہ آهي. پوءِ بہ جستجو تہ پنهنجا نتيجا ظاهر ڪندي ۽ ضرور ڪندي آهي، جيڪي ٺيڪ قبولڻ جهڙا ڄاتا وڃن يا نہ، اهو الڳ مسئلو آهي. جيئن معصوم ٿريءَ ڪوسمبي_ڪاسبي واري باب ۾ ڄاڻايل ٻار وارو احوال ڏنو آهي. ائين هي ڪتاب "ڪارونجهر تاريخ جو دستاويز" نہ فقط ڪارونجهر جو دستاويزي ثبوت آهي، پر ڪارونجهر، جنهن ذرتيءَ جي ٽڪريءَ تي موجود آهي ۽ پنهنجي سموري سونهن ۽ سوڀيا سان ڪَرُ اوچو ڪيون بيٺو آهي، ان ذرتيءَ جي تهذيبي ارتقا جو پڻ هڪ دستاويز آهي. ائين ذرتين ۽ انهن جي ارتقا ڪان دنيا واقف ٿيندي آهي.




جيتوڻيڪ اهو ڪم آرڪيالاجيءَ جا علم ڄاڻيندڙن جو آهي ۽ معصوم ٿري آرڪيالاجسٽ نہ آهي، جنهن سبب هن ڪجهہ تحقيق ۽ ڪجهہ تاريخ مان جيڪو پرايو آهي، اهو هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي. ائين ڪري هن تهذيبي سفر جا پيرا تہ چڱيا آهن ۽ ممڪن حد تائين پنهنجي ڪتاب، جيڪو ڪارونجهر جي حوالي سان لکيو ويو آهي، ان ۾ سنڌو تهذيب جي قديم آثارن يا ماڳن بابت پيرائتي ڄاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي. اهو بہ ممڪن آهي تہ ڪو آرڪيالاجسٽ اها سموري معلومات پنهنجي ترتيب سان سهيڙي ها، جڏهن تہ معصوم ٿريءَ مليل سڀ معلومات پنهنجي پيرائي ۾ سهيڙي آهي، جنهن ڪري اها پڙهندڙ، تاريخدان توڙي محقق لاءِ آسانيءَ واري ٿي پئي آهي.

ڪارونجهر، ان جي آس پاس ۽ ان جي قدامت ۾ لڪل ۽ ظاهر خزانن ۽ انهن سان لاڳاپيل معلومات کي معصوم ٿريءَ جهڙي طرح هڪ هنڌ ڪَٺو ڪيو آهي ۽ ڪارونجهر جي قدامت کي تلاشڻ لاءِ هن جيڪا محنت ڪئي آهي، مون کي گمان آهي تہ ڪنهن هڪ ڪتاب ۾ ايتري ڳَنڍي ڪيل معلومات شايد هڪ ئي وقت ڪنهن ٻي جاءِ تان يا ڪنهن ڪتاب مان ملي سگهي.

معصوم ٿريءَ جو هي ڪتاب ائين محسوس ڪرائي رهيو آهي جهڙو ڪر هي سندس سموري ڪيل تاريخي، تحقيقي ۽ تهذيبي پورهئي جو ثمر هجي_ ۽ منهنجو يقين سان چوڻ اهو آهي تہ، جيڪڏهن معصوم ٻيو ڪوبہ ڪم نہ ڪري ها ۽ فقط هن ڪتاب تي قناعت ڪري، تڏهن بہ تاريخ، تحقيق ۽ تهذيبي ارتقا جي سفر بابت سندس لکيل هيءُ ڪتاب کيس آبرودار سڃاڻپ ڏيندو. اسان جي ايندڙ پيڙهي هنن موضوعن تي وڌيڪ کوجنا ڪرڻ ۾ پنهنجو ماڻُ پائيندي، پر هن تحقيق کي اڃا بہ اڳتي وڌائي سنڌو تهذيب جي قدامت بابت ڪي نوان اهڃاڻ ۽ پيرا تلاش ڪري دنيا کي ڏيکاريندي _ ۽ جڏهن ائين ٿيندي نظر آيو تہ قبول ڪرڻو پوندو تہ هن تحقيقي ڪم جا ڪجهہ بنياد معصوم ٿريءَ بہ رکيا هئا.

سچ اهو آهي تہ معصوم جي هن تحقيق جو دائرو جيتوڻيڪ ڪارونجهر آهي، پر هن جي ڄاڃنا جو دائرو تهذيبي سفر جا پيرا کڻڻ بہ آهي، ۽ اها تهذيب، جيڪا دنيا کي سنڌ ڏني. ياد رکيو وڃي تہ سنڌ فقط موهن جو دڙو نہ آهي، پر ان جو تهذيبي ڦهلاءُ گهڻو گهڻو وڌيڪ آهي. معصوم ٿريءَ جي محدودگي اها آهي تہ، هو ڪارونجهر جي ڪُک مان جنميو آهي، ان ڪري مٿس فرض آهي تہ هو اول پنهنجون پاڙون تلاش ڪري، ۽ سندس ان تلاش جو نتيجو سندس هيءُ ڪتاب آهي.


سنڌ جي تهذيبي ۽ ان جي ارتقا جي دائري ۾ ڪارونجهر جي ڪيتري اهميت آهي، اهو هيءُ ڪتاب ٻڌائي رهيو آهي، جنهن ۾ ننڍا ننڍا موضوع ۽ قديمي هنڌ وغيره معصوم تفصيل سان بيان ڪري انهن جون تصويرون ڏيئي ڪتاب جي اهميت کي هڪ دستاويزي شڪل ۾ آندو آهي. ٿرجي ريگستان جي اهميت آرڪيالاجيءَ جي حوالي سان هن ڪتاب سبب گهڻو وڌي آئي آهي. تحقيق جا دروازا سدائين کليل هوندا آهن. اهي بند نہ ٿيندا آهن. ممڪن اِهو بہ آهي تہ، هن ڪتاب کان پوءِ تحقيق لاءِ وڌيڪ دروازا کلي پون ۽ سنڌو تهذيب سميت ڪارونجهر جي عمر اڃا وڌي وڃي. ڪارونجهر جي عمر وڌڻ جو سبب حڪمرانن جي ويچار هيٺ هڪ هوندو ۽ آرڪيالاجسٽ جي نظر ۾ ٻيو هوندو آهي. محقق ۽ واپاريءَ جي نظر ۾ شين جي قيمت الڳ جڙندي آهي. معصوم جيڪا تحقيقي حوالي ۾ ڪارونجهر جي عمر ڄاڻائي آهي، اها مجموعي طور ٿر جي عمر بہ آهي، جيڪو سڀ ڪجهہ معصوم پنهنجي ڪتاب ۾ آسانيءَ سان سمجهايو آهي.




معصوم ٿريءَ هن ڪتاب جي ترتيب اهڙي رکي آهي، جنهن مان نہ صرف عالم، اسڪالر، اديب ۽ محقق لاڀ پرائي سگهندا، پر عام پڙهندڙ پڻ هن ڪتاب مان جهجهي ڄاڻ حاصل ڪري سگهندا. هيءُ ڪتاب ٻن ڀڱن بابن ۾ ورهايل آهي، جن کي مصنف بہ ڪڙيون سڏيو آهي، جن مان هن پهرين ڪڙيءَ کي "مقدمو" سڏيو آهي. ان ڪڙيءَ ۾ هن 17 عنوان ۽ انهن جو تت ڏنو آهي ۽ ٻين ڪڙيءَ ۾ "ڪارونجهر جون ڪنڌيون ۽ سنڌ جي تاريخ" جي عنوان هيٺ هن 55 عنوانن تي لکيو آهي، جن جي آخري ڪڙيءَ طور هن "نتيجا" جي سري هيٺ 10 عنوان ڏيئي، ڪتاب جي مواد کي مڪمل ڪيو آهي. ان بعد هن ڪتاب ۾ بہ ضميما پڻ شامل ڪيا آهن، جن جا عنوان آهي: "ڪالانوس ۽ ڪيري ناٿ " ۽ "ڪوي ڪاليداس ۽ وراهہ مهر." ان کان پوءِ ڪن اهم تاريخي ماڳن جون رنگين تصويرون ڏنيون ويون آهن، جن ڪتاب کي وڌيڪ دستاويزي بڻايو آهي.

هيءُ ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ مون کي پنهنجي هڪ خوشبختي ياد اچي رهي آهي تہ، آئون پنهنجي هند جي هڪ دوري ۾ اجين جي ويزا صرف ان لاءِ ورتي هئي تہ جيئن ڪاليداس ۽ ڀرتري هريءَ جي راڄڌاني وارو شهر اجين ڏسي سگهان. اهي منهنجي پسند جا ڪوي آهن. ان کان ٻاهر منهنجي دوست معصوم ٿريءَ جو هيءُ ڪتاب تهذيب ۽ تحقيق جي علم ۽ تهذيب جي ارتقا کي سمجهڻ ۾ هڪ آساني پيدا ڪندڙ آهي، جنهن جو مهاڳ نالي واري تعليمي ماهر ۽ دانشور ڊاڪٽر رياض شيخ لکيو آهي ۽ بيڪ ٽائٽل تي ڪجهہ لفظ ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ لکيا آهن. ٽرپارڪر جي سامروٽي پبليڪيشن جي سرواڻ پرڪاش ڪرمواٽي پاران شايع ڪيل 275 صفحن واري هن خوبصورت ڪتاب جو ملهہ 1600 رپيا آهي. مان اڳ ۾ بہ چئي/لکي چڪو آهيان تہ، شايد دنيا جي سمورين ٻولين جي ڪتابن کان گهٽ مُلهہ وارو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جو ڪتاب آهي. ائين هيءُ ڪتاب بہ آهي. ■

## غزل



رجب ٻگهيو

اڪِيون پِيرَ ساهَي سُتِيُون راتِ آهن،
سِتارَنِ ڪان وِڇڙِي لُڇِيُون راتِ آهن.

هُيُون ڪالهہ تائِين اِشارَنِ جَي هَمدَم،
ڪَري ڳالتا اُوچو ڪُڇِيُون راتِ آهن.

پِنَلَ خواب راتِيُون هُيُون سَنگِ پنهنجي،
اُهي رُوحَ راڻِيُون رُنِيُون راتِ آهن.

بَدَنُ باکَ جَهڙو بِنَهَہ چندَ جَهڙيون،
ڪُنوارِيُون سَي تِڙڪِي ٽُٽِيُون راتِ آهن.

اَيامَنِ ڪان آهي اِهو سوڳَ ساڳيو،
پُڇِين تو تہ ڪَهڙيون لُٽِيُون راتِ آهن!؟

جُهڪِيو ماٿهپَي جو وَرِي ڪَنڌُ آهي ،
ڏَڃِيُون آبرُوءَ جون ڏُڏِيُون راتِ آهن.

❊

موسمن جي مهرباني ٿي نہ هئي،
بي مزه پر زندگاني ٿي نہ هئي.

ڪير چوندو ڪو تجلو ٿيو نہ هو،
ڪير چوندو ڪا جواني ٿي نہ هئي!؟

واءُ خوشبو ساڻ آيو، ڪيئن چوان؟
سانجهہ سرهي يا سهاني ٿي نہ هئي .

خواب نيڻن ۾ گلن جا ها مگر،
ڳوٺ پنهنجي باغباني ٿي نہ هئي.

رات ڪاريءَ جا ڪڪر ها، سوڳ هو،
روشنيءَ جي راڄڌاني ٿي نہ هئي.

وقت جي هر واٽ تي، ڪا ورڙ هئي،
روح پرور سا رواني ٿي نہ هئي.

ڏوڏ دوڪا ها مليا دل کي گهڻا،
دل شڪستا پو بہ جاني ٿي نہ هئي.

تو تہ طلبيو ذوق سان زر کي گهڻو،
دل تہ تنهنجي عاشقاني ٿي نہ هئي .

ڪتاب: اڌ ۾ رهجي ويل ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي
(ڪهاڻيون) : ليکڪ: امر اقبال

# هڪ شاعر جون ڪهاڻيون



تبصرو: روشن شيخ

محترم امر اقبال هڪ ذميوار شاعر ته آهي ئي، پر سندس شاعري پڙهندڙن سان، سندس ڪهاڻيڪار هئڻ وارو تعارف هاڻي ٿيو آهي، ۽ اها خوشيءَ جهڙي ڳالهه آهي ته، امر اقبال نيٺ پنهنجيون اهي ڪهاڻيون ڇپرايون، جن کي "شاعراڻيون ڪهاڻيون" چئي يا لکي سگهجي ٿو. انديا جي گلزار کان پوءِ مون جيڪڏهن ڪنهن شاعر جون ڪهاڻيون، دل سان پڙهيون آهن ته اهو امر اقبال آهي.

امر اقبال جون هِنَ ڪتاب ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون ڪهاڻيون، وارتائون، حادثا ۽ انهن جو ڏک ڏنل آهي. ڪيترن ئي ڪهاڻين جي سٽن ۾ ليکڪ مونکي پاڻ به نظر آيو ۽ ڪجھ ڪهاڻين ۾ ليکڪ جا دوست به اکرن مان ليئا پائيندي نظر اچي رهيا آهن. هڪ ڪهاڻيءَ ۾ خيرپور جي "فردوس هوٽل" جي عروج وارو زمانو بيان ڪيو ويو آهي.





هِنَ ڪتاب ۾ ڪردارن جي رش ناهي، ڇو ته ليکڪ پاڻ ئي رش کان بيزار نظر ايندو آهي. ڪيترائي ڪردار وري نالن کان به آجا آهن. وچي پڙهندڙ انهن جا نالا پاڻ تجويز ڪن.

هي ڪهاڻي ڪتاب "اڌ ۾ رهجي ويل ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي" پڙهندي ائين لڳو، ڄڻ ڪنهن "خواب گاهه" ۾ هجان. جتي ڪهاڻين جي نالن جي ترتيب مونکي سڏي رهي هئي ۽ مان انهيءَ ترتيب تي سوچڻ لڳو هوس ته، پهريان ڪهڙي ڪهاڻي پڙهان؟ پوءِ ٿيو ائين... مون شروع کان ڪهاڻيون پڙهڻ شروع ڪيون ۽ آخري ڪهاڻيءَ تي پهچي ويس، ڄڻ خواب ڏسڻ دوران... ڪنهن جي ڳوري آواز تي اکيون کلي ويون.

اها منهنجي خوشبختي آهي ته امر اقبال سان منهنجي ڪافي ويجهڙائي رهي آهي. مرڻن، پرڻن، ادبي ڪاڄن، ڪچهرين، ڪروڌن ۽ سفرن ۾ گڏ رهيا آهيون. سندس نيڪ صلاحون... مون لاءِ منهنجون ڪٺن راهون آسان ڪنديون آهن. مان، امر اقبال کي وڏو ڀاءُ سمجهندو آهيان، انڪري هو مونکي پنهنجي ننڍن ڀائرن وانگي ٽريٽ ڪندو آهي، پر ڪهاڻين ۾ سندس نرالي ٽريٽمينٽ آهي. نرالا ۽ نوان موضوع آهن، جن تي شايد ئي اڳ ۾ ڪهاڻيڪارن لکيو هوندو. امر جن موضوعن تي لکيو آهي، اهي عام ليکڪن وٽ نظر گهٽ ايندا آهن، ڇو ته سڀ امر اقبال نٿا ٿي سگهن.

104 صفحن واري هِنَ ڪهاڻي ڪتاب جو مهاڳ مشهور ڪهاڻيڪار محترم منور سراج لکيو آهي. بئڪ ٽائيٽل تي ناول ۽ ڪهاڻيءَ جي وڏي نالي سائين رسول ميمڻ جو رايو ڏنل آهي، جڏهن ته امر اقبال پڻ "پنهنجي پاران" ۾ ڪهاڻي ۽ ڪهاڻيءَ جي سفرَ بابت دل جون ڳالهيون لکيون آهن. ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچيءَ پاران شايع ڪيل هن ڪتاب جو ملهه 220 رپيا آهي. ■

ڪتاب: ماڻڪ موتي لال_ ليکڪا: ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

# پاپولر ادب جي وهڪري ۾ وهڻ سان تخليق ۽ تخليقڪار جو موت ٿي رهيو آهي

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ ڪافي حد تائين پنهنجي ڪم ۾ سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. تحقيق اصل ۾ آهي ئي پنهنجي مضمون جي عزت ڪرڻ، ان کي اهميت ڏيڻ، ان جي خوبين خامين کي ڇاڻي نئين راءِ ٺاهڻ ۽ نوان پاسا ڏيکارڻ. مطلب ته توهان جو ڪم توهان جي پڙهندڙ سان جڙيل ۽ منفرد هجي.



جاويد پنهور

تحقيق مان مراد آهي اڻ ڇُهيل پاسن کي دريافَت ڪرڻ. جنهن کي هڪ قسم جي ڊِسڪوري پڻ چئي سگهجي ٿو. تحقيق ذريعي تاريخي، سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ ادبي حوالي سان مختلف رُخن کان ان کي نئين اک سان ڏسي سماج آڏو حقيقي بنيادن تجهت منظر (portrayed authentically) تي آندو ويندو آهي. تحقيق، تاريخ، فلسفو، نفسيات ۽ اخلاقيات سان پڻ جُڙيل رهي ٿي، جنهن کي منطقي بنيادن تي نون پاسن (innovative narratives) کان ڳوليو ويندو آهي. تحقيق چاهي افسانوي ادب جي هجي يا غير افسانوي ادب جي، پنهنجي الڳ حيثيت رکي ٿي، جيئن ٽوني موريسن جو چوڻ آهي، "تحقيق سندس تخليق کي سگهه ڏني، جنهن ذريعي هن پنهنجي ڪردارن جي زندگيءَ کي حقيقي بنيادن تي بيان ڪيو."

ان پسمنظر ۾ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو تعارف گهڻ رخو آهي. هن جو تحقيقي ڪم هجي يا ٻاراڻي ادب جو ڪم، اهو پاڻ ڳالهائيندو آهي، پر تعليمي شخصيت هُئڻ ڪري خاص طور ايم.اي انگريزي ادب ۽ ايم اي سنڌي ادب (گولڊ ميڊلسٽ) هئڻ سبب هيءَ علم ۽ ادب سان جُڙيل رهي آهي. ان بنياد تي سندس تحقيقي ڪم ڏانهن سنجيدگي، مسلسل لکندو رهڻ ۽ تحقيق ڪندو رهڻ وارو عملي رويو رهيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هن سنڌي ادب ۾ سٺو ڪم ڪيو آهي، جنهن ۾ خاص "سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات،" "سنڌي نثر جي ڪِن صنفن جو اڀياس،" "اتي رائو ريل،" "سنڌي ادب: تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو" ۽ ان سان گڏ ٻيا الاهي ڪتاب سندس تحقيق ۾ ڳٽائڻ جهڙا آهن.



ان حوالي سان آمريڪن ليکڪ روبرٽ ڪارو هڪ پلي ڳالهه ڪئي آهي ته، Research is the foundation of great writing. Without it, you have no context, no depth, no reality.

(تحقيق عظيم تخليق جو بنياد آهي، تحقيق بنا اوهان وٽ نه ڪو مواد هوندو آهي، نه ان ۾ ڪا گهرائي ۽ نه وري ڪا حقيقت هوندي آهي.)


ان حوالي سان ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ ڪافي حد تائين پنهنجي ڪم ۾ سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. تحقيق اصل ۾ آهي ئي پنهنجي مضمون جي عزت ڪرڻ، ان کي اهميت ڏيڻ، ان جي خوبين خامين کي ڇاڻي نئين راءِ ٺاهڻ ۽ نوان پاسا ڏيکارڻ. مطلب ته توهان جو ڪم توهان جي پڙهندڙ سان جڙيل ۽ منفرد هجي.

ڪتاب "ماڻڪ موتي لال،" جيڪو ٽن حصن ۾ ورهايل آهي، ان جي پهرئين حصي ۾ سياسي ۽ ادبي شخصيتن ۽ انهن جي ڪم بابت ذڪر ٿيل آهي. ان حوالي سان هن ڪتاب کي تنقيدي مضمون (critical essay) يا Literary Reflection (ادبي عڪس) چئي سگهون ٿا. ڏنو وڃي ته ليکڪا جو فيمينسٽ لاڙو پڻ سندس لکت مان لاشعوري طور ظاهر ٿيل آهي، جنهن تحت سندس لکڻيءَ ۾ عورتن لاءِ ڪافي پاسا ظاهر آهن. جڏهن توهان ذاتي راءِ مان نڪري ٻين ليکڪن جي ڪم تي به ڳالهائڻ لڳو ته اهو گهڻ طرفو بيانيو (multidimensional narrative) هوندو آهي، جنهن جي پنهنجي انفراديت آهي. ان حوالي سان ليکڪا ڪافي ادبي شخصيتن تي ڳالهايو آهي، جن ۾ ولي رام ولڀ، مهتاب اڪبر راشدي، وينا شرنگي، ڊاڪٽر رشيده حجاب ۽ ٻيا الاهي نالا آهن.

ڪتاب جو ٻيو ۽ دلچسپ حصو ادبي مضمون آهن، جن ۾ عورتن بابت لکندي انهن جي مزاحمتي، سنڌي سماج ۾ جرئت، بهادري ۽ ارڏائيءَ کي بيان ڪيو ويو آهي. بقول ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جي، "ٻاگهل ٻائيءَ جي سياڻپ، سنگهار جي ڀيڻ تارا ٻائيءَ جو ڏهه سال حڪومت هلائڻ، همون ٻائيءَ جو درڪ جي قلعي جي حفاظت ڪندي شهيد ٿي وڃڻ، 'ڪويل' جو پنهنجي مڱيندي 'ننگر' سومري کي موڙ ٻڌائي ڌرتيءَ خاطر قربان ٿيڻ لاءِ موڪلڻ ۽ مارئيءَ جو وقت جي بادشاهه سان مهاڏو اٽڪائڻ، عورتن جي ڪردار، سوچ ۽ عمل ۾ جرئت کي ظاهر ڪري ٿو." اهي انهن عورتن جهڙا ڪردار آهن، جن دنيا ۾ الڳ سڃاڻپ حاصل ڪئي آهي. جيئن فريده خالو، اشرف دهقاني، جميلا بوپاشا، روزا پارڪس، راڻي زنگا، زينب سالبي ۽ ٻيون ڪيتريون ئي عورتون، جن پنهنجي سماج ۾ ڀرپور سڄاڳي حاصل ڪئي، قدامت پسنديءَ کي للڪاريو ۽ روايت پرستيءَ جي خلاف ٿي بيٺيون.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ، لکت جي اسلوب جي اهميت، افاديت ۽ خاصيت تي ڏاڍي سٺي روشني وڌي آهي. سندس چواڻي "اسلوب ليکڪ جي انفراديت آهي." ان حوالي سان ڏسجي ته اسلوب تخليقڪار جي سڃاڻپ هوندو آهي، جيڪو فن ۽ ڪرافٽ کي بلڪل ڇٽو ڪري بيهاريندو آهي. بنيادي طور تي موضوع، ٿيم ۽ واقعا پلي ساڳيا لکيا وڃن، پر انهن جي بيان ڪرڻ جو انداز ئي تخليق ۽ تخليقڪار جي نواڻ ۽ فن جو جوهر هوندو آهي.

اسلوب بابت ايڊگر ايلن پو: پنهنجي مقالي "تحرير جو فلسفو" (The Philosophy of Composition) ۾ چوي ٿو ته، "هر لفظ جو هڪ مقصد ۽ معنيٰ هوندي آهي." مجموعي طور ڏسجي ته لفظن جي چونڊ، اظهار، انهن جو استعمال ۽ درست ادائگي پڙهندڙ تي تمام گهرا اثر ڇڏيندي آهي.



ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ ادب ۾ رڪاوٽن: جيئن پبلشرس جا معاملا، ڪجھ ادارن جو بند ٿي وڃڻ ۽ ڪجھ ادارن تائين صرف مخصوص ليکڪن جي پهچ، اهي ۽ انهن کانسواءِ الاهي مسئلا ڳڻائي ٿي، جن جي ڪري معياري ادب جي پڻ کوٽ پيدا ٿي رهي آهي. بقول ڊاڪٽر صاحبه جي ته، "ادارا گهٽي پاڳي ليکڪن کان پئسا وٺي ڪتاب ڇاپين ٿا ۽ اهڙين حالتن جي ڪري ڪيترا معياري لکندڙ ڪتاب ڇپائڻ جي همت ساري نٿا سگهن. ڪيترائي مسودا ڪٻٽن تائين محدود آهن. ڇَپائيءَ جي ادارن جي کوٽ، وڌندڙ مهانگائي، ملڪ ۾ وڌيل ڪرپشن ۽ غير محفوظ سماجي، سياسي ۽ معاشي حالتون ۽ ٻين ڪيترن سببن جي ڪري پڙهندڙن تائين سٺن ڇپيل ڪتابن جو اهو انگ نٿو پهچي جيترو پهچڻ کپي."

مٿين ڳالهين کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. هن وقت ستم ظريفي اها آهي ته ادب کي وکر بڻايو ويو آهي. ادب جي مقدار تي ڌيان ڏنو ٿو وڃي، نه کي ان جي معيار تي. اهڙي شايع ٿيندڙ ادب جي معيار جا ڪيترائي پاسا ڪُٺل ۽ اڻپورا هوندا آهن_ ۽ تخليقڪارن سان پبلشرز جون جُنون پڻ هڪ الڳ معاملو آهي. اصل ۾ انهن ڳالهين کي جديديت پڄاڻان جي تناظر ۾ سمجهي سگهجي ٿو. ادب کي ڪنزيومر ۽ ڪموڊيفڪيشن جو ذريعو بڻائي ان کي تفريح، ولگرٽي ۽ استحصالي قوتن جو حمايتي ۽ سستي شهرت جو ذريعو بڻايو ويو آهي، جڏهن ته ان ۾ artistic value هئڻ لازمي آهي. پاپولر ادب جي وهڪري ۾ وهڻ سان تخليق ۽ تخليقڪار جو موت ٿي رهيو آهي. هن وقت ادب جي ڪارج کان وڌيڪ ان جي کپت، مارڪيٽ ۽ ڪمائي کي ڏٺو ٿو وڃي. اهڙي ادب کي فريڊرڪ جيمسن "سرمائيداريءَ پڄاڻان جو منطق" (logic of late capitalism) سڏيو آهي. هن ڪتاب جو آخري حصو مختلف ڪتابن تي لکيل مهاڳن تي مشتمل آهي.

مجموعي طور تي ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو هي ڪتاب ڏاڍو ڪارائتو ۽ بحث طلب آهي، جنهن ۾ ادبي شخصيتن جي خاڪن جي جهلڪ، انهن جي ادبي ڪم تي نظر، ادب ۾ پيش ايندڙ رڪاوٽون، سماج ۾ ليکڪائن جو ڪردار، وسري ويل ڪجھ ڪردار ۽ مختلف ڪتابن تي مهاڳ شامل آهن، جيڪي سطحيت کان اڳتي منطقي ۽ شعوري بنيادن تي ڪافي وزنائتا ۽ ليکڪا جي تحقيقي قابليت جي گواهي ڏيندڙ آهن. ■

### سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٽن ڏينهن وارو ڪتابي ميلو

# 18 لک رپين جا ڪتاب وڪرو ٿيا.

## وائس چانسلر جو هر سال فيبروري مهيني ۾ ڪتابي ميلو لڳائڻ جو اعلان



مرتضيٰ سيال


سال 2021 جي آخر ۾ جڏهن مون سنڌ جي هڪ اهم اداري_انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ ڊائريڪٽر طور ذميواريون سنڀاليون هيون ته، ان جي لاءِ سڀ کان پهريان ٿاهيل تجويزن ۾ هڪ سنڌالاجي ۾ ڪتابي ميلو ڪرائڻ واري به هئي، جيڪو ان وقت جي انتظاميه جي عدم دلچسپي سبب ممڪن بڻجي نه سگهيو هو.

يونيورسٽين ۾ ٿيندڙ علمي، ادبي ۽ ڪتابي ميلا نه رڳو شاگردن ۽ استادن لاءِ لاڀائتا ثابت ٿين ٿا، پر اهي مجموعي طور تي تعليمي ماحول تي به سٺا اَثر وجهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو منهنجي وڏي خواهش هئي ته سنڌالاجي پاران سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وڏو ڪتابي ميلو منعقد ٿئي. تازو جڏهن پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان کنڀاٽي کي يونيورسٽيءَ جي وقتي وائس چانسلر جون ذميواريون مليون ته اُن پهرين گڏجاڻيءَ ۾ ڪتابي ميلو لڳائڻ جي خواهش ڏيکاري. اها ته منهنجي دل جي ڳالهه هئي، سو ڏهن منٽن جي گڏجاڻيءَ ۾ سنڌالاجي ۽ علامه آءِ آءِ قاضي سينٽرل لائبريري جي گڏيل ميزبانيءَ ۾ 26 کان 28 فيبروري 2025 تائين آرٽس فيڪلٽي جي پاسي واري گرائونڊ تي ٽن ڏينهن واري علمي ۽ ادبي ڪتابي ميلي جو پروگرام ٺهي ويو.

▪ ”ڪتاب شعور جا سرچشما آهن. جن ماڻهن ڪتابن کي پنهنجو سونهون بڻايو، انهن پنهنجي منزل ماڻي ورتي.- “ ڊاڪٽر خليل کنڀاٽي

▪ ”يونيورسٽين ۾ علمي ۽ ادبي سيمينار، ڪتابي ميلا، ورڪشاپ، بحث مباحثا ۽ تنقيدي شعور پيدا ڪرڻ وارا پروگرام لڳاتار ٿيندا رهڻ گهرجن.- “ جامي چانڊيو






سنڌ يونيورسٽي جو وقتي وائس چانسلر ڊاڪٽر خليل کنڀاٽي ڪتابن جي ميلي جو دورو ڪرڻ وقت.



نالي وارو ليکڪ محمود مغل ڪتابي ميلي ۾.



نالي وارو دانشور جامي چانڊيو سنڌس نياڻي روماسا، سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر مرتضيٰ سيال ۽ ٻين سان گڏ هڪ بڪ اسٽال تي.

وڏي عرصي کانپوءِ لڳندڙ هن علمي ۽ ادبي ڪتابي ميلي جو افتتاح ته 26 فيبروري تي ڏينهن جو 11 وڳي ٿيڻو هو، پر بڪ سيلرس ڪتابن سميت 25 فيبروري تي ئي پهچي چُڪا هئا. جنهن ڪري صبح کان رات جو 12 وڳي تائين ميلي واري شاهي پنڊال ۾ رونق لڳل هئي. 26 فيبروري تي ڪتابي ميلي جي افتتاح کان اڳ هزارين شاگرد گڏ ٿي ويا. سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان کنڀاٽي ۽ اڳوڻي سينيٽر عاجز ڌامراهه ڪتابي ميلي جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي پرو وائس چانسلر مين ڪئمپس پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار شاهه، رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر مشتاق علي جاريڪو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر غلام مرتضيٰ سيال، علامه آءِ آءِ قاضي سينٽرل لائبريري جو انچارج لائبريرين پير بخش ٻجير، سنڌ يونيورسٽي ٺٽو ڪئمپس جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مصباح بيبي قريشي، ڊاڪٽر صنوبر شيخ، اميد علي رند، ساجد قيوم ميمڻ، ڊاڪٽر غلام ثاقب ٻرڙو، اشتياق انصاري، ڊاڪٽر غلام علي ٻرڙو ۽ غلام مرتضيٰ ڪوسو سميت مختلف فئڪلٽيز جا ڊين، ڊائريڪٽر، مختلف شعبن جا سربراهه، استاد، آفيسر ۽ شاگرد پڻ موجود هئا.

چاڙهايل ڪتابي ميلي ۾ حيدرآباد، لاهور، راولپنڊي ۽ ڪراچيءَ جي نالي وارن اشاعتي ادارن 45 وڏا اسٽال لڳايا هئا، جتي ادب، تاريخ، جاگرافي، سياست، سماجي سائنس، نيچرل سائنس، ٽيڪنالاجي، لسانيات، اڪنامڪس، ميڊيا ڪميونيڪيشن، سوائل سائنس، انجنيئرنگ، فارميسي، پلانٽ سائنس، جينيٽڪس، باغباني، کاڌ خوراڪ، فن، راندين، سفرنامن ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعن تي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ ڇپيل لکن جي تعداد ۾ ڪتاب موجود هئا. اسان پبلشرس کي گذارش ڪئي هئي ته هو ڪتابي ميلي ۾ وڌ کان وڌ رعايتي اگهه تي ڪتاب وڪرو ڪن ته جيئن ان ۾ شرڪت ڪندڙ وڌ کان وڌ ڪتاب خريد ڪري سگهن. سڀني بوڪ سيلرس اسان جي ان درخواست تي عمل ڪندي 50 سيڪڙو تائين رعايتي اگهه تي ڪتاب وڪرو ڪيا.

افتتاح کانپوءِ وائس چانسلر، مک مهمان ۽ شريڪ ٿيندڙن مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو، پبلشرن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ شرڪت تي سندن واکاڻ ڪئي. وائس چانسلر ڪتابي ميلي جي بهترين انتظامن ۽ ڪتابن سان دلچسپي رکندڙن جي تمام گهڻي شرڪت تي پنهنجي خوشي جو اظهار ڪندي ان کي اميد افزا اڳڀرائي قرار ڏنو ۽ چيو ته ڪتاب شعور جا سرچشما آهن. جن ماڻهن ڪتابن کي پنهنجو سونهون بڻايو، انهن پنهنجي منزل ماڻي ورتي. ڊاڪٽر کنڀاٽي چيو ته، اسان چاهيون ٿا ته، اسان جا شاگرد ڪتابن سان دوستي ڪن، ڇاڪاڻ ته مطالعي ذريعي حاصل ٿيندڙ علم پائيدار ۽ بي بها هوندو آهي. هن چيو ته، موبائل فون ۽ انٽرنيٽ جي اهميت کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، پر مان ان ڳالهه ۾ پختو يقين ٿو رکان ته، شعوري ۽ فڪري ڪاميابي ڪتابن مان حاصل ٿئي ٿي. ڪتاب هڪ استاد، هڪ رهنما ۽ زندگي جو سچو ساٿي آهي. وائس چانسلر شاگردن جي وڏي تعداد ۾ شرڪت تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته، اڄ هتي تمام گهڻا شاگرد ۽ ڪتاب دوست موجود آهن، جيڪا ڳالهه ظاهر ڪري ٿي ته موجوده ڊجيٽل دنيا جي باوجود ڪتابن جي اهميت برقرار آهي.

اڳوڻي سينيٽر عاجز ڌامراهه سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪتابي ميلو منعقد ڪرڻ کي شاندار عمل قرار ڏنو ۽ شاگرد سان مخاطب ٿيندي چيو ته، اوهان هن ملڪ جا وڏا ماڻهو ۽ مستقبل جا اڳواڻ آهيو. اوهان جي ذميواري آهي ته پاڻ کي علم سان مالا مال ڪريو. سڀاڻي اوهان ئي هن قوم جا واڳ ڌڻي هوندا. هن چيو ته ڊجيٽل ٽيڪنالاجي دنيا کي هڪ ڳوٺ بڻائي ڇڏيو آهي، پر ڪتابن جو جوهر ڪڏهن به تبديل نٿو ٿي سگهي. ڪتاب جيڪا ڏاهپ ۽ فڪر ڏين ٿا، اهو ڊجيٽل پليٽ فارم ڏيئي نٿو سگهي.

ان موقعي تي پرو وائس چانسلر ڊاڪٽر عبدالستار شاهه ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر غلام مرتضيٰ سيال ۽ علامه آءِ آءِ قاضي سينٽرل لائبريري جي انچارج لائبريرين پير بخش ٻجير پڻ پنهنجا ويچار ونڊيندي ميلي جي اهميت تي روشني وڌي.

ٽن ڏينهن واري علمي ۽ ادبي ڪتابي ميلي ۾ شاگردن، استادن ۽ ڪتابن جي شوقين وڏي دلچسپيءَ سان شرڪت ڪري، ڪتاب خريد ڪيا. هن ميلي ۾ سنڌ يونيورسٽي، لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي، شهيد بخش سومرو يونيورسٽي آف آرٽ ۽ ڊزائين، ۽ مختلف ڪاليجن جي شاگردن، استادن، اديبن، شاعرن، محققن، ۽ صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

ان موقعي تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر مرتضيٰ سيال ۽ علامه آءِ آءِ قاضي سينٽرل لائبريري جي انچارج پير بخش ٻجير ان عزم جو اظهار ڪيو ته ايندڙ سالن ۾ اڃا وسيع پيماني تي ڪتابي ميلا منعقد ڪيا ويندا.

آخري ڏينهن تي سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر ڊاڪٽر خليل الرحمان کنڀاٽي، ناميارو ليکڪ ۽ دانشور جامي چانڊيو، سنڌس نياڻي روماسا جامي، زيب سنڌي، ناصر پنهور، انعام شيخ، امداد سومرو، اڪبر ڌامراهه، مختلف فيڪلٽيز جي ڊينس، ڊائريڪٽرس، مخلتف شعبن جي سربراهن، استادن، آفيسرن، ملازمن ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ معزز مهمانن شرڪت ڪئي.

وائس چانسلر ڊاڪٽر خليل الرحمان کنڀاٽي اعلان ڪيو ته، سنڌ يونيورسٽي هر سال فيبروري مهيني ۾ ڪتابي ميلو منعقد ڪندي ته جيئن علم دوست ماحول ۽ پڙهڻ واري ڪلچر کي هٿي وٺرائي سگهجي.


ميلي ۾ ناميارو ليکڪ ۽ دانشور جامي چانڊيي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته، ”يونيورسٽين جو ڪم رڳو نصابي تعليم ڏيڻ تائين محدود ناهي پر شاگردن کي تاريخ، ادب، ثقافت ۽ دنيا جي نئين علم سان روشناس ڪرائڻ به يونيورسٽين جي ذميواري آهي. يونيورسٽين ۾ علمي ۽ ادبي سيمينار، ڪتابي ميلا، ورڪشاپ، بحث مباحثا ۽ تنقيدي شعور پيدا ڪرڻ وارا پروگرام لڳاتار ٿيندا رهڻ گهرجن.“

هن ڪتابي ميلي ۾ شاگردن وڌ کان وڌ ڪتاب خريد ڪيا. ميلي ۾ لڳ ڀڳ 18 لک رپين جا ڪتاب وڪرو ٿيا. ■

---

### 2 نثري نظمَ

زوار نقوي



راتيون جاڳن ٿيون،
ڏينهن سمهن ٿا.
۽ خواب سرءُ جي موسمن
جا،
ڇڻيل پن لڳن ٿا.

2_
ڳالهين جي ڳنڍ کُلي،
۽ خواب پوپٽ بڻجي،
اڏري ويا_
هن جي هٿن ۾ ويڙهيل خواب،
اڪين مان گلاب بڻجي ڇڻي پيا.
۽ هن جي دل جو سمنڊ،
تمر کي پاڙ ۾ پيري سمهي پيو
هي هن جو،
موت هئو يا جاڳ؟
يا ڏکندڙ ڪوئي ديس؟
۽ لفظ هن جي وات مان،
ٿاندا بڻجي ڪِري پيا!! ■

# سنڌوءَ ڏانهن



عبدالغفار
دائود پوٽو

سڀ کان سهڻي
سڀ کان سادي
پنهنجي پياري
سنڌو ماٿري
سنڌ ۾ وهندو آ
سنڌو درياءُ
جنهن جو پاڻي
ملڪيت مايا
ننڍڙي هوندي
ٽپڪا هڻندي
تنهنجي ئي
پاڻيءَ ۾ ترندي
مون کي سُرت ۾
سامعت آئي
ماني پاڻي
ميوا ڪائي
وقت سان گڏ
مان وڏڙو ٿيو آن
پاڻ سجاڻ
جهڙو ٿيو آن
او! سيني دريائن جا داتا
توسان جنم جا ناتا
سنڌ ڌرتيءَ تي
دائم رهندين!
قيامت تائين
قائم رهندي.

# غزل



گهايل
لغاري

نظر نظر ۾ ٻوڙهو آهي،
پهر پهر ۾ ٻوڙهو آهي.

وطن جي تاريخ ڳاڙهي آ،
اکر اکر ۾ ٻوڙهو آهي.

پئي دانهن ديوار ۾ ڪنجهي،
شهر شهر ۾ ٻوڙهو آهي.

سنڌوءَ ۾ واري اڏامي ٿي،
ڪپر ڪپر ۾ ٻوڙهو آهي.

زمين جو خون ڪن ٿا پيا،
پٿر پٿر ۾ ٻوڙهو آهي.

# گيت



ساحر سليم
الله اوٻاهي

دريا سنڌو ٿيندو خالي وڏي ويندي پوءِ بدحالي
زمينن ۾ هُوندو پاڻي سدا هوندي پوءِ خوشحالي
سنڌو آبِ حيات آهي سواءِ ان جي مَمات آهي
سنڌو آهي تہ ڏينهن آهي سنڌو ناهي تہ رات آهي
حيات ممات ٿِي ويندي ڪنداسين جي نہ رکوالي

ڏُکيو هي آيو آ خدارا ڪوليو اکيون
تہ دُشمن ساهہ سنڌ جي تي نظر وِيٺا آهن رکيون
ڪسڻ چاهن ٿا سَڀ ظالم بچي جيڪا آ هرِيالي

سنڌو درياهہ آ ساحر سين سنڌين جي لاءِ شهہ رڳ
اهو درياءُ ويو ڪسجي تہ بند ٿيندا جيئڻ جا دڳ
سجاڳي هوندي اوٻاهي ختم ٿي ويندي زوالي

# گيت



اويس ساگر

اٿو سنڌو درياهہ بچايو!
ڳڌجي پئو سڀ زنجيرن
وانگي
هٿ جي هنن لڪيرن وانگي
اي دوستَ ملي سڀ هٿڙو ملايو!
اٿو سنڌو درياهہ بچايو.

ٿيو سُجاڳ هاڻي پنهنجا ماڳ بچايو
پنهنجي سنڌُ وطن جي اُتي واڳ ورايو
پنهنجي ڌرتي پنهنجو پاڻي بچايو!
اٿو سنڌو درياهہ بچايو.

اسانجي ڪيٽي اسانجو بَندرُ
هي واڳون ويا سڀُ ڳڙڪائي اندر
چا چا نہ آهي اسين لُٽايو!
اٿو سنڌو درياهہ بچايو. ■

# غزل



بدر انصاري

ڪيڏا پوپٽ رنگ لٿا هن آڱر تي
خوشبو خوشبو گيت رتا هن آڱر تي

من جي آس بہ ماڻي ورتي نيت خوشي
خواب وڇايل ڪوڙ لڌا هن آڱر تي

سهرن جي چانگهارن تي من چرڪي پيو
۽ هڪ پوڙهي موڙ ٻڌا هن آڱر تي

سنجها ويلي رئو فضا جو اڏري پيو
ٺهڪن جا جلترگ وڳا هن آڱر تي

ڳڏڙا ڳڏيون ڪنگو تارا ماضيءَ جا
توبن هيڪل پيل ٿيا هن آڱر تي

گهر جي مٿي سون ٻٽي پئي آهي بدر
تو جو بخمل پير رکيا هن آڱر تي

❊

هُو جو مون ڏي گام آيو هو ڪٽي
پيار جا جڻ جام آيو هو ڪٽي

شهر کي مان پاڻ ارپڻ ويس تہ ڪو
ڳوٺ جا پيغام آيو هو ڪٽي

زندگيءَ ۾ رنگ اٿين کي ڏسي
ڪو گلابي شام آيو هو ڪٽي

تون وئين، چا چا ويو چاهي رهيو
هر پهر ڪهرام آيو هو ڪٽي

پاڻ کي اڄ پاڻ ئي سمجهون نہ ٿا
هُو اکين ۾ مام آيو هو ڪٽي

ويو بدر هُن جي اکين ۾ چنڊ ڏسڻ
موت تي ماتام آيو هو ڪٽي.

# نثري نظم



وفا مولا بخش

**پورو ڇوٽ ليڪون**

تون ۽ مان
پور وڇوٽ
ليڪن جيان آهيون
جيڪي گڏگڏ هلي تہ سگهن ٿيون
پر ڪڏهن بہ ملي نہ ٿيون سگهن.

**فورسڊ مئريج**

تون!
فورسڊ مئريج ذريعي
منهنجي وجود جي
سلطنت تي قابض تہ ٿي سگهين ٿو
پر منهنجي روح جو قلعو
ڪڏهن بہ فتح نٿو ڪري سگهين.

**ڪڙي حقيقت**

هي ماڻهو
جيڪي توسان حادثي جو ٻڌي
اچي گڏ ٿيا آهن
تون! ڇا تو سمجهين تہ اهي سڀ
تنهنجا همدرد ۽ خيرخواهہ آهن؟
جيڪڏهن تون ائين پيو سوچين دوست!
تہ تون غلط آهين.
اهي تہ رڳو ايا تصديق ڪرڻ آيا آهن
تہ تون مرين ٿو يا بچين ٿو.

# غزل



الطاف انصاري

تون اڄان پيو سُٽين ڪي صدين جون صدائون
عقل اورانگهي ويو آ ڪَئِين ڪهڪشائون

ڏيان لائي تہ ڏس غور فرمائي ڏس
هُو ستارن، سيّارن سنڌيون ڪوجنائون

هڪ طرف تو ڏسان سرڳ آدم سندو
ٻئي طرف تو ڏسان اڄ بہ ڪي ڪربلائون

وئي جَهڪِي لاٽَ تي، ٻاٽَ ئي ٻاٽَ تي
مون جڏهن پي ڪيون چنڊ جون چاهنائون

منهنجي فرياد ڪي، جي پُڄائِن مٿي
ٿيون نہ مونکي ميسر ڪي اهڙيون هوائون

سَرَءُ ساندَهہ رهيو تو پُڄاڻان پرين
ڪيئي گذري ويون سانوڻيون ۽ گهٽائون

وار تي ويا اڃا ، ٻار تي ويا وڏا
هاڻ ڪاٿي رهيون ساڳيون جوڀن ـ جٽائون

هُن ڏي الطاف هل، سُور سارا ئي سل
چا ٿيو جي ڪيون تَس سدائين جفائون؟

❊

زماني جي اشارن سان ، اسان جو ڪم بہ کهڙو آ
سوا تنهنجي، سهارن سان، اسان جو ڪم بہ کهڙو آ

اسان سان تون جي گڏ ناهين، گهٽا گهنگهور جي هوندي
تہ پوءِ نرمل نظارن سان ، اسان جو ڪم بہ کهڙو آ؟

پلا جي پاڳ هن پونءِ جا، سڏاري ڪين ٿا سگهجن
تہ اُپَ سان ۽ ستارن سان، اسان جو ڪم بہ کهڙو آ

هجين هڪڙو ئي تون گڏ شل، هلين جيڪر حياتيءَ پر
هلون چا لئہ هزارن سان ، اسان جو ڪم بہ کهڙو آ

اسان جون خواهشون ”الطاف“ ساديون ۽ سپاجهيون هِن
سو پيرن ۽ اوتارن سان ، اسان جو ڪم بہ کهڙو آ

# غزل



فراخ جانوري

هُن جا نرمل ناز ٿا مون ۾ وڄن
ڪيترائي ساز ٿا مون ۾ وڄن

هوءَ تڪي ٿي موهہ مان چپ ۾ مگر
اڻ ڳڻيان آواز ٿا مون ۾ وڄن

مان ازل جو رقص ٻٽجي تو نچان
سونهن جا سر ساز ٿا مون ۾ وڄن

هُن جي ٽهڪن جي ٽڙڻ سان نت نوان
دل لڳي جا راز ٿا مون ۾ وڄن

هن جي اُجري ساٿ سان ڪيڏا حسين
زندگيءَ جا ساز ٿا مون ۾ وڄن

درد مان تو راحتون ماڻيان فراخ
عشق جا اعجاز ٿا مون ۾ وڄن

# غزل



دسرت ڪمار

گهيري تو وڃي غم
وکيري تو وڃي غم

يادگيرين جي ميلي ۾
سڀ ميڙي تو وڃي غم

کلندي مهل اداسي جو
ساز ڇيڙي تو وڃي غم

لڪايان درد مگر اکيون
اکيڙي تو وڃي غم

قسمت ڪنل ڪيسين رهندي
اندر ادِيڙي تو وڃي غم

کهڙي لمحي بهار ايندي
ڪنهن پيري تو وڃي غم

# وائي



شيخ نديم

هر لمحو سوڳي
اُلڪو تو جاڳي
اندر ۾ مانڌاڻ آ
اک ۾ مينهوڳي
اُلڪو تو جاڳي
سِڪَ جي آڳنڌ تي سِڪي
پاڳ سزا پوڳي
اُلڪو تو جاڳي
تنهنجي جوڳڻ هان اڙي
اُلڪن ۾ جوڳي!
اُلڪو تو جاڳي
ويسَهُ چنڊ مٿان ٿئي
نڪري سو توڳي
اُلڪو تو جاڳي
ڪنهن لئہ آڏيءَ جو نديم
روئندي آ روڳي
اُلڪو تو جاڳي

# غزل

ثريہ سرهاڻ گل بلوچ

هر رشتي کي تو ويهي وساري انسان
وحشيت جو روپ تو ڌاري انسان

ڪيڏو بيرحم ٻڻجي ويو آهي هر ڪوئي
پيسن جو ٿي ويو آهي پوڄاري انسان

هر رشتي مان شناس وڃي ٿي ڇڏائيندي
پنهنجن کي ئي پاڻ تو ماري انسان

پٽ، پي، ماءُ، پيڻ ۽ چاچي کي
پنهنجن هٿن سان تو وساري انسان.

# روبوٽ ذريعي دل، جگر ۽ ڦڦڙن جا آپريشن ٿيڻ لڳا

**سائنس ساڪت ڪونهي، متحرڪ آهي. جدت ايندي ٿي رهي. انسانذات جي ڀلائي لاءِ سائنس پنهنجي ترقي جاري رکي آهي. آرٽيفيشل انٽيليجنس انقلاب آڻي ڇڏيو آهي، ايستائين جو هاڻي مريض هڪ ملڪ ۾، ته سرجن ٻئي ملڪ ۾ آهي. اهو طب جي تاريخ جو انقلاب آهي. مريض ڪويت ۾، سرجن شنگهائي، چين ۾ هيو، يعني 7000 ڪلوميٽر جو فاصلو. آپريشن ڪاميابي سان ٿي ويو ، پر اهو مهانگو هيو، پنج ملين ڊالر خرچ ٿيا. ”فائيو جي“ (5G)سيليولر نيٽ ورڪ ٽيڪنالوجي جو استعمال ٿيو. اڳتي هلي اهو سستو ٿيندو، جيئن روبوٽ هاڻي سستو ٿيو آهي.**



مرلي ڌر



روبوٽ سرجري هاڻي هڪ حقيقت بڻجي چڪي آهي ۽ جيڪا طبي سائنس جو مستقبل آهي. سائنس ترقي ڪندڙ ۽ تبديل ٿيندڙ آهي. ڪنهن زماني ۾ مثاني جي پٿري بغير بيهوشي جي چيرو لڳائي ڪئي ويندي هئي. چار جاندار پهلوان مريض جا هٿ پير سوگها ڪيون بيٺا هوندا هيا. آپريشن ٿيٽر نه هيا، بيهوشي واري سائنس جو وجود نه هيو. مريض ڪي گهر جي ڪنهن صاف ڪمري ۾ ڪنهن ٽيبل تي ليٽايو ويندو هيو ۽ آپريشن ٿيندو هيو. اينٽيبائٽڪ به ڪونه هئي. اڪثر مريض انفيڪشن ۾ مبتلا ٿيندا هيا. زخم خراب ٿيندا هين. ڪجهه مري ويندا هيا. طبي سائنس ترقي ڪئي لينس ۽ ڪيمرا وارن اوزارن چيري جي جڳهه ورتي، جنهن کي اينڊواسڪوپي ٿا چئون. پوءِ شعائن جي سائنس لٿوٽرپسي وجود ۾ آئي. بغير بيهوشي، بغير چيري جي پٿري جو علاج ٿيڻ لڳو.
ليزر اچان وڏيڪ آساني پيدا ڪئي. بڪي ۽ يوريٽر يعني بڪيءَ جي نالي جي پٿري ليزر سان ٽوڙي وئي. ننڍا اسڪوپ ايجاد ٿيا ۽ مريضن لاءِ سهوليت پيدا ٿي. پوءِ ليپرواسڪوپي جو زمانو آيو. ننڍن سوراخن رستي وڏا وڏا آپريشن ڪيا ويا، پر اچان به ڪجه بهتر ٿيڻ کپندو هيو. ڪجهه آپريشن ليپرواسڪوپي سان به ايترا چڱا نه پئي ٿي سگهيا.
روبوٽ جي ايجاد ٿي. سائنس ساڪت ڪونهي، متحرڪ آهي. جدت ايندي ٿي رهي. انسانذات جي ڀلائي لاءِ سائنس پنهنجي ترقي جاري رکي آهي. آرٽيفيشل انٽيليجنس انقلاب آڻي ڇڏيو آهي، ايسٽائين جو هاڻي مريض هڪ ملڪ ۾، ته سرجن ٻئي ملڪ ۾ آهي. اهو طب جي تاريخ جو انقلاب آهي. ايس آءِ يو ٽيءَ هميشه پنهنجي مريضن لاءِ جديد ٽيڪنالوجي جو بندوبست ڪيو آهي.
روبوٽڪ سرجري هڪ جديد سائنس آهي. اهو اسان جي عوام جو حق آهي ته، هو ان مان مستفيض ٿين. صحت حق آهي، ٿورو ناهي. اها ئي پروفيسر ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي جي سوچ آهي، جيڪي هن شاندار اداري جا روح روان آهن. اها سوچ ”مفت علاج، عزت ۽ نفس سان هر شهريءَ جو بنيادي حق آهي“ واري سوچ آهي. هن اداري ۾ نه ئي ڪوئي فارم ڀرڻو ٿو پوي، ۽ نه ئي پنهنجو مستحق هئڻ ثابت ڪرڻو ٿو پوي. فقط نمبر واري پرچي ڪيرايو، نمبر تي ويهو، نمبر تي اوهان کي ڏٺو ويندو. بس اهو ئي گهرجي ٿو. پئسي جو ڪو ذڪر ئي ڪونهي. سڀ لاءِ هڪجهڙو مفت علاج آهي، ۽ اهو ايس آءِ يو ٽي جو فلسفو آهي.
روبوٽڪ سائنس ۾ سرجن مريض کان پري ڪنسول تي ويهي ٿو ۽ وڊيو گيم وانگر پنهنجا هٿ هلائي ٿو ۽ روبوٽ جون ٻانهون هلن ٿيون ۽ آپريشن ڪن ٿيون. روبوٽ انسان جو محتاج آهي. پنهنجو پاڻ ڪونه ٿو هلي. مريض وڏي چيري کان بچي ٿو. خون گهٽ ٿو وهي. چن جي بيماري ۽ انفيڪشن گهٽ ٿا ٿين. مريض اسپتال مان جلدي گهر وڃي ٿو ۽ ڪم جوڳو ٿئي ٿو. سڀ کان اهم اهو آهي ته آپريشن جي ڪاميابيءَ جا امڪان به گهڻا وڌي ٿا وڃن، ڇاڪاڻ ته جتي سرجن جا هٿ ڏکيا ٿا پهچن، اتي روبوٽ جون ٻانهون آساني سان پهچي ٿيون وڃن ۽ هيڏي هوڏي سولائيءَ سان هلن ٿيون. عضوا ايترا ته چٽا ٿا نظر اچن جو سرجن لاءِ ڪم ڪرڻ سولو ٿيو پوي. ان ۾ سرجن ٿڪجي به نه ٿو. نتيجي ۾ غلطيءَ جا امڪان گهٽ ٿا رهن. هاڻي ان تي ڪم ٿو پيو ٿئي ته سرجن هڪ ملڪ ۾ ۽ مريض ٻئي ملڪ ۾ پري کان ويهي آپريشن ڪندو. اهڙو آپريشن ويجهڙائيءَ ۾ ڪيو ويو. مريض ڪويت ۾ ، سرجن شنگهائي، چين ۾ هيو، يعني 7000 ڪلوميٽر جو فاصلو. آپريشن ڪاميابي سان ٿي ويو ، پر اهو مهانگو هيو، پنج ملين ڊالر خرچ ٿيا. ”فائيو جي“ (5G)سيليولر نيٽ ورڪ ٽيڪنالوجي جو استعمال ٿيو. اڳتي هلي اهو سستو ٿيندو، جيئن روبوٽ هاڻي سستو ٿيو آهي.
ليونارڊو ڊاونسي، مونا ليزا پينٽنگ جو خالق، روبوٽ جو به خالق سمجهيو ٿو وڃي 1478 ۾ ان جو ڊزائين ٿيل پاڻ مرادو چرندڙ گاڏو/ ريڙهو تاريخ جو پهريون روبوٽ ٿو ڪوٺيو وڃي. ”روبوٽ“ لفظ پهريون دفعو زيڪ ڪيرل ڪيپيڪ 1921 ۾ پنهنجي هڪ ڊرامي ۾ استعمال ڪيو ۽ روبوٽ لفظ اڳ ۾ رائج لفظ خودڪار (آٽوميشن) جي جڳهه ورتي ۽ ڊرامي ۾ لفظ ”روبوٽ“ کي حياتياتي طور تي پيش ڪيو ويو يعني جيڪو انسانن جهڙا ڪم ڪري سگهي. 1930 ۾ آمريڪا ۾ پهريون روبوٽ وجود ۾ آيو، جيڪو هوبهو انسان جهڙا ڪم ڪري سگهي. 1939 ۾ انسان جهڙو روبوٽ ٺاهيو ويو. جارج ڊيوول 1954۾ پهريون ڊجيٽلي يعني ڪمپيوٽر رستي هلندڙ روبوٽ ٺاهيو ۽ ائين جديد روبوٽ جو بنياد پيو. 1994 ۾ پهريون روبوٽ ذريعي هلندڙ اوزار، جيڪو انسانن جي علاج ۾ ڪم آيو، ٺاهيو ويو. اهو سائبر نائيف هيو. هونئن ته 1987 کان روبوٽ انسانن ۾ علاج لاءِ ڪم شروع ڪيو. اهو صنعتي روبوٽ هيو ۽ دماغ جي بائپسي لاءِ استعمال ڪيو ويو. اهو ڪامياب نه ٿي سگهيو. 1999 ۾ باقاعدگي سان روبوٽ ڪم شروع ڪيو ۽ گردي، مثاني ۽ مرداڻي غدود، عورتن جي بيمارين جا آپريشن ۽ جنرل سرجري جا آپريشن وغيره شروع ٿيا. پهرين اهڙي روبوٽ جو نالو داونسي (da Vinci) ليونارڊو داونسي جي نالي تي رکيو ويو. ايس آءِ يو ٽي ۾ اها ٽيڪنالوجي موجود آهي. اداري هميشه پنهنجي مريضن لاءِ جديد ٽيڪنالوجي جو بندوبست ڪيو آهي. سکر ايس آءِ يو ٽي ۾ به اها جديد سهوليت موجود آهي.
ايس آءِ يو ٽي ۾ هڪ گلوبل روبوٽڪ سمپوزيم 14 ۽ 15 فيبروري 2025 تي ٿي گذريو. ٻن ڏينهن واري ان بين القوامي روبوٽ ڪانفرنس ۾ آمريڪا، انڊيا، برطانيا ۽ پاڪستان جي روبوٽڪ سرجنس حصو ورتو، مقالا پڙهيا ۽ بحث ڪيو. ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر عرفان رضوي، جيڪو پاڻ ڪولوريڪٽل سرجن آهي ۽ آمريڪا ۾ ڪم ڪري پيو، شرڪت ڪندڙن جي آجيان ڪئي ۽ سمپوزيم جي افتتاحي تقرير ڪئي. روبوٽ رستي هاڻي جگر جو ٽرانسپلانٽ، دل ۽ ڦڦڙن جا آپريشن، گردي، مثاني ۽ مرداڻي غدود جا آپريشن، گوڏن جي تبديلي ۽ دل ۽ بڪي جي پيوندڪاريءَ جا آپريشن ٿيڻ لڳا آهن. طاقتور ڪيمرا سسٽم جي ڪري ننڍا ننڍا عضواءِ نسون وڏيون ۽ نمايان ٿيون نظر اچن. ان ٽيڪنالوجيءَ رستي سيڪڙات ڊاڪٽرن جي تربيت ۾ به آساني ٿئي ٿي.
پهريان رڳو آمريڪا جو روبوٽ مارڪيٽ ۾ هيو، پوءِ برطانيا به روبوٽ ٺاهيو. اهي روبوٽ مهانگا هيا. هاڻي چين، انڊيا، ايران ۽ ٻين ملڪن به روبوٽ ٺاهيا آهن. هاڻي روبوٽ جي قيمت هيٺ لٿي آهي. اچان سستا روبوٽ ٺاهڻ جي ضرورت آهي ته جيئن هي علاج هر غريب ۽ امير تائين مفت ۽ هڪجهڙو پهچي. اميد ڪجي ته، پاڪستان به ان طرف ضرور سوچي ۽ بڪين جي پٿري جي علاج لاءِ روبوٽ ٺاهيندو، ڇاڪاڻ ته بڪين جي پٿريءَ جي بيماري اسان جي ملڪ ۾ عام آهي. ٽيڪنالوجي کي روڪي نه ٿو سگهجي. اها هيڏي هوڏي پهچندي، هر هنڌ پهچندي.
اسان وٽ پٿريءَ جي بيماري جام آهي. هر سئو مريضن مان ست مريض بڪين جي پٿريءَ جا مريض آهن. پٿريءَ جي بيماري هاڻي دنيا ۾ به وڌي پئي. اها غريب توڙي امير ملڪن؛ ٻنهي ۾ وڌي پئي. ٽين دنيا ماڻهو وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. 2050 تائين موسمياتي تبديلي ڪري پٿري جا 50 لک نوان مريض دنيا ۾ شامل ٿيندا، جنهن ڪري اهڙا روبوٽ ٺاهڻ جي ضرورت آهي، جيڪي پٿريءَ جي مرض جو سولو ۽ سستو علاج مهيا ڪن. هن سمپوزيم ۾ مقالا پڙهندڙن ۾ پاڪستاني ڊاڪٽر جيڪي پرديس ۾ ڪم ڪن ٿا ۽ نالو ڪڍيو اٿائون، شامل هئا. انهن ۾ ڊاڪٽر اديل خان، ڊاڪٽر ايمل خان، ڊاڪٽر بدر ميان، ڊاڪٽر غلام عباس، ڊاڪٽر عمران احمد، ڊاڪٽر عرفان رضوي، ڊاڪٽر ارسلان خان ۽ حيدرآباد ڄائو ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ شامل هئا. اهي ناليوارا روبوٽڪ سرجن آهن. اڄڪلهه ڪانفرنسن ۾ پاڪستاني ڊاڪٽر، جيڪي ٻاهر ڪم ڪن ٿا، اچن ٿا، جيڪا ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهه آهي. اهي ڊاڪٽر هتي اچي هتان جي نوجوانن کي آپريشن سيکارين ٿا، ۽ جيڪي سيڪڙات ڊاڪٽر ٻاهر وڃي سکڻ ۽ اڳتي پڙهڻ جا خواهشمند آهن، انهن جي مدد ڪن ٿا. ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ پنهنجي سلائيڊس ۾ اجرڪ جو پسمنظر هنيو هيو، تنهن ڪري پڇيم ته، ”ڪير آهي؟“ خبر پئي ته، هو حيدرآباد جو آهي. ائين اڄڪلهه جو نوجوان پڙهي پيو، محنت به ڪري پيو ۽ منزلون به ماڻي پيو. اڄ جو دور چٽاپيٽيءَ جو دور آهي. جيڪو قابل هوندو، اهو مٿي پهچندو. قابل کي ڪوبه روڪي نه ٿو سگهي.
ايس آءِ يو ٽي جي ڊاڪٽر ريحان محسن (روبوٽڪ سرجري جو انچارج)، ڊاڪٽر حارث قريشي (يورالوجي جو روبوٽڪ سرجن)، ڊاڪٽر شاداب (روبوٽڪ جنرل سرجن) ۽ ڊاڪٽر نويد مهر (سکر ايس آءِ يو ٽي ۾ روبوٽڪ سرجن) مقالا پڙهيا. ٻاهريان آيل مقالا پڙهندڙن ۾ ڊاڪٽر خورشيد گورو (هي آمريڪا ۾ ڪم ٿو ڪري ۽ سٺو روبوٽڪ سرجن آهي)، ڊاڪٽر عدنان مقبول (دبئي)، ڊاڪٽر ارسلان خان (هي ڪجهه ڏينهن اڳ ايس آءِ يو ٽي مان آمريڪا ويو آهي، هن آمريڪا مان مقالو پڙهيو)، ڊاڪٽر جاويد اقبال (اسلام آباد)، ڊاڪٽر خرم شاهد (ڪراچي)، ڊاڪٽر صائمه ملڪ (لاهور)، ڊاڪٽر ساجدا قريشي (سول اسپتال ڪراچي)، گائو چن (آمريڪا)، حسام بلخي (آمريڪا)، ڊاڪٽر ملڪ ارجنا (انڊيا)، ڊاڪٽر مهيش ڪپانايل (انڊيا)، ڊاڪٽر وپل پٽيل (انڊيا)، ڊاڪٽر پرنجل مودي (انڊيا)، ڊاڪٽر ساد الدسوري (ڪويت)، ڊاڪٽر راشد مظهر (پاڪستان ڄائو قطر مان آيو)، ڊاڪٽر عامر جعفري (ايس آءِ يو ٽي جي ايٿڪس واري شعبي ۾ ڪم ڪندڙ) مقالا پڙهيا. ڊاڪٽر عامر ايٿڪس تي مقالو پڙهيو. اسان کي اخلاقيات پڙهڻ جي سخت ضرورت آهي. ايٿڪس پرائمري تعليم جي ڪورس ۾ شامل هجڻ گهرجي ۽ ميڊيڪل ڪاليج ۾ ميڊيڪل ايٿڪس جو ڪورس شامل ڪجي. ڊاڪٽر عامر جعفري روبوٽڪ سرجري ۽ ايٿڪس جي موضوع تي ڳالهايو. آخر ۾ روبوٽڪ سرجن ڊاڪٽر رياض لغاري مهمانن، شرڪت ڪندڙن، والنٽيئرس ۽ آرگنائيزرس جا ٿورا مڃيا. ائين اهو سمپوزيم پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو پر اسان وٽ ميڊيڪل جي شعبي ۾ تمام گهڻا ويچار ورهائي ويو. ■